القرآن الكريم

بامحاوره ترجمو

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمه الله


لفظي ترجمو

حضرت مولانا عبدالڪريم قريشي رحمه الله

پير شريف



Maktaba Tul Ishaat



تمام فنون کے کتب ہمارے ویب سائٹ اور پلے سٹور سے فری ڈاون لوڈ کریں۔ ہم روزانہ کی بنیاد پر اس میں مزید نئے کتب شامل کر رہے ہیں نئے شامل شدہ کتب لیے روزانہ ہمارے پلے سٹور اور ویب سائٹ کو باقاعدگی سے چیک کیا کریں۔

اپنی کتاب کو ہمارے ویب سائٹ پر شائع کرنے کے لیے رابطہ کریں

تفاسیر	خطبات	منطق
احایث	سیرت	معانی
فقہ	تاریخ	تصوف
سوانح حیات	صرف	تقابل ادیان
درس نظامی	نحو	تجوید
لغت	فلسفہ	نعت
فتاوی	حکمت	تراجم
اصلاحی	بلاغت	تبلیغ و دعوت
آڈیو دروس	مناظرے	تمام فنون

maktaba.tul.ishaatofficial@gmail.com

سُوْرَةُ الْاَحْقَافِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٣٥ رُكُوْعَاتُهَا ٤

شروع الله پاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

حٰمٓ ۚ ﴿١﴾ تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ ﴿٢﴾ مَا خَلَقْنَا

حٰمٓ. نازل ڪرڻ ڪتاب جو آهي الله زبردست حڪمت واري ڪان. رڳو خلقيا سون

حٰمٓ. (هن) ڪتاب جو لاهڻ غالب حڪمت واري الله وٽان آهي. آسمانن ۽ زمين کي

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَآ اِلَّا بِالْحَقِّ وَاَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ

آسمان ۽ زمين ۽ جيڪي ٻنهي جي وچ ۾ آهي حق سان ۽ وقت مقرر سان،

۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي تنهن کي پوريءَ رٿ سان ۽ هڪ مقرر مدت تائين (رهڻ لاءِ) بڻايوسون

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا عَمَّآ اُنْذِرُوْا مُعْرِضُوْنَ ﴿٣﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ مَّا تَدْعُوْنَ

۽ ڪافر جنهن شيءِ کان ڊيڄاريا ويا منهن موڙيندڙ آهن. چئو خبر ڏيو توهان جن کي پڪاريو ٿا

۽ ڪافر جنهن کان ڊيڄاريا ويا (تنهن کان) منهن موڙيندڙ آهن. (کين) چئو ته ڏسو ته سهي ته الله کان سواءِ جن کي سڏيندا آهيو

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَرُوْنِيْ مَاذَا خَلَقُوْا مِنَ الْاَرْضِ اَمْ لَهُمْ شِرْكٌ

سواءِ الله جي ڏيکاريو مون کي ڇا خلقيو اٿن زمين ۾ يا انهن جو ڀائيچارو آهي

(تن کا ٻڌاوت ٻڌائي آهي ڇا؟) مون کي ڏيکاريو ته زمين (جي شين) منجهان ڪهڙي شيءِ پيدا ڪئي اٿن؟ يا آسمانن (جي ٻڻائڻ) ۾ انهن جي

فِى السَّمٰوٰتِ ؕ اِيْتُوْنِيْ بِكِتٰبٍ مِّنْ قَبْلِ هٰذَآ اَوْ اَثٰرَةٍ مِّنْ عِلْمٍ

آسمانن ۾، آڻيو مون وٽ ڪو دستاويز انهيءَ کان اڳ جو يا پراڻي معلومات

ڪا ڀائيواري (ثابت) آهي ڇا؟ جيڪڏهن سچا آهيو ته هن کان اڳ (آيل) ڪو به ڪتاب يا ڪا علمي سند مون وٽ آڻيو.

اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٤﴾ وَمَنْ اَضَلُّ مِمَّنْ يَّدْعُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ

جيڪڏهن سچا آهيو. ۽ ڪير آهي زوريليل انهيءَ کان جو سڏي ٿو الله کان سواءِ

۽ انهيءَ کان وڌيڪ گمراهه ڪير آهي؟ جيڪو الله کان سواءِ (ٻئي) اهڙي (ٻت) کي سڏي

مَنْ لَّا يَسْتَجِيْبُ لَهٗٓ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ وَهُمْ عَنْ دُعَآئِهِمْ

ان کي جيڪو نه ٿو ورنائي انهيءَ کي ڏينهن قيامت تائين ۽ اهي انهن جي سڏڻ کان

جو قيامت تائين سندس سڏ کي نه ورنائي ۽ اهي (ڪوڙا ٻت) سندن سڏڻ کان (ئي) بيخبر آهن.

غٰفِلُوْنَ ﴿٥﴾ وَاِذَا حُشِرَ النَّاسُ كَانُوْا لَهُمْ اَعْدَآءً وَّكَانُوْا بِعِبَادَتِهِمْ

بي خبر آهن. ۽ جڏهن گڏ ڪيا ويندا ماڻهو ٿيندا هو انهن جا دشمن ۽ هوندا انهن جي مڃوتيءَ جا

۽ جڏهن (قيامت ۾) ماڻهو گڏ ڪبا (تڏهن اهي ٻت) سندن ويري هوندا ۽ سندن پوڄا کان منڪر

كٰفِرِيْنَ ۝٦ وَ اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

منڪر. ۽ جڏهن پڙهجن ٿيون مٿن آيتون اسان جون پڌريون چوندا ڪافر

هوندا. ۽ جڏهن اسان جون پڌريون آيتون کين پڙهي ٻڌائبيون آهن (تڏهن اهي) ڪافر سچي ڳالهه (يعني قرآن) بنسبت،

لِلْحَقِّ لَمَّا جَآءَهُمْ ۙ هٰذَا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ۝٧ ؕ اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ ؕ قُلْ

سچي ڳالهه کي جڏهن آئي انهن وٽ ته هي جادو آهي پڌرو. يا چون ٿا پاڻ ٺاهيو اٿس، چؤ

جنهن مهل وٽن آيو (تنهن مهل) چوندا آهن ته هيءُ پڌرو جادو آهي. بلڪ چوندا آهن ته ان کي (پيغمبر پاڻ) ٺاهيو آهي. (کين) چؤ ته

اِنِ افْتَرَيْتُهٗ فَلَا تَمْلِكُوْنَ لِيْ مِنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا ؕ هُوَ اَعْلَمُ بِمَا

جي مان پاڻ ٺاهيو آهي ان کي ته پوءِ نه ٿا بچايو مون کي الله کان ڪجهه به، اهو گهڻو ڄاڻندڙ آهي ان کي

جيڪڏهن ان کي (پاڻ) ٺاهيو اٿم ته اوهين الله کان (ڇڏائڻ واسطي) مون لاءِ ڪجهه ڪري نه ٿا سگهو. جيڪي (قرآن بابت) گفتگو

تُفِيْضُوْنَ فِيْهِ ؕ كَفٰى بِهٖ شَهِيْدًۢا بَيْنِيْ وَ بَيْنَكُمْ ؕ وَهُوَ الْغَفُوْرُ

جنهن کي توهان پچاريو ٿا، ڪافي آهي اهو شاهد منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾، ۽ اهوئي بخشڻهار

ڪندا آهيو (سو) الله چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي. منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ (الله) حق کي ظاهر ڪندڙ ڪافي آهي ۽ اهو بخشڻهار

الرَّحِيْمُ ۝٨ قُلْ مَا كُنْتُ بِدْعًا مِّنَ الرُّسُلِ وَمَآ اَدْرِيْ مَا يُفْعَلُ

مهربان آهي. ٻڌاءِ ته ناهيان ڪو نئون رسول ۽ نه تو ڄاڻان ڇا ٿيندو

مهربان آهي. چؤ ته، آءٌ پيغمبرن مان ڪو نئون (آيل) نه آهيان ۽ نه ٿو ڄاڻان ته مون سان ۽ اوهان سان (دنيا ۾) ڇا ڪيو ويندو؟

بِيْ وَلَا بِكُمْ ؕ اِنْ اَتَّبِعُ اِلَّا مَا يُوْحٰٓى اِلَيَّ وَمَآ اَنَا اِلَّا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ۝٩

مان سان ۽ توهان سان، رڳو هلان ٿو ان تي جيڪو حڪم ٿئي ٿو مون کي ۽ آءٌ رڳو ڊيڄاريندڙ آهيان پڌرو.

جيڪي مون ڏانهن وحي ڪيو ويندو آهي، تنهن کان سواءِ (ٻيءَ) ڪنهن (ڳالهه) جي تابعداري نه ڪندو آهيان ۽ آءٌ رڳو پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان.

قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كَانَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ وَ كَفَرْتُمْ بِهٖ وَشَهِدَ

چؤ خبر ڏيو جيڪڏهن هجي اهو الله جي طرفان ۽ توهان ڪيو ٿا انڪار انهيءَ جو ۽ شاهدي ڏني

(کين) چؤ ته، ڏسو ته سهي ته جيڪڏهن (اهو قرآن) الله وٽان (آيل) آهي ۽ اوهين ان کي نه ٿا مڃيو ۽

شَاهِدٌ مِّنْۢ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ عَلٰى مِثْلِهٖ فَاٰمَنَ وَاسْتَكْبَرْتُمْ ؕ

هڪ شاهد بني اسرائيل مان پڻ اهائي پوءِ ايمان به آندائين ۽ توهان ڪئي وڏائي،

بني اسرائيل مان هڪ شاهد اهڙي (ڪتاب) تي شاهدي ڏني هجي، پوءِ انهيءَ ايمان آندو ۽ اوهان (مڃڻ کان) وڏائي ڪئي

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ۝١٠ ع وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلَّذِيْنَ

بيشڪ الله نه ٿو هدايت ڪري ظالم قوم کي، ۽ چيو ڪافرن ايمان

(ته ضرور ظالم ٿيندؤ). بيشڪ الله ظالمن جي قوم کي سڌو رستو نه ڏيکاريندو آهي. ۽ ڪافرن مؤمنن بہ نسبت چيو ته جيڪڏهن

اٰمَنُوْا لَوْ كَانَ خَيْرًا مَّا سَبَقُوْنَآ اِلَيْهِ ؕ وَاِذْ لَمْ يَهْتَدُوْا بِهٖ فَسَيَقُوْلُوْنَ

وارن لاءِ جي هجي ها يلو تہ نہ اڳرائي ڪن ها اسان ڪان ان ڏي. ۽ جڏهن نہ هدايت وارا ٿيا ان سان تہ پوءِ چوڻ لڳا

(اهو دين) چڱو هجي ها تہ اهي ان ڏانهن اسان کان اڳرائي نہ ڪن ها ۽ جڏهن تہ (ڪافرن) ان سان هدايت نہ لڌي تڏهن

هٰذَآ اِفْكٌ قَدِيْمٌ ⑪ وَمِنْ قَبْلِهٖ كِتٰبُ مُوْسٰٓى اِمَامًا وَّرَحْمَةً ؕ وَ

هيءُ ڪوڙ آهي آڳاٽو. ۽ هئو ان ڪان اڳ ڪتاب موسيٰ جو رهبر ۽ رحمت. ۽

سگهو چوندا تہ هيءُ (قرآن) هڪ پراڻو ڪوڙ آهي (جو هليو ٿو اچي). ۽ هن (قرآن) کان اڳ موسيٰ جو ڪتاب (دين ۾)

هٰذَا كِتٰبٌ مُّصَدِّقٌ لِّسَانًا عَرَبِيًّا لِّيُنْذِرَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ۖ وَبُشْرٰى

آهي هي قرآن انکي سچو چوندڙ ٻولي عربيءَ ۾ جيئن ڊيڄاري ظلم ڪندڙن کي ۽ مبارڪ ڏي

راهنما ۽ رحمت هو ۽ هيءُ ڪتاب (ان جو) سچو ڪندڙ عربي ٻوليءَ ۾ آهي، هن لاءِ تہ ظالمن کي ڊيڄاري ۽

لِلْمُحْسِنِيْنَ ⑫ اِنَّ الَّذِيْنَ قَالُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوْا فَلَا خَوْفٌ

نيڪيءَ وارن کي. بيشڪ جن چيو پالڻهار اسان جو الله آهي، وري قائم رهيا پوءِ ناهي ڪو خوف

ڀلارن کي خوشخبري ڏئي. بيشڪ جن چيو تہ اسان جو پالڻهار الله آهي، پوءِ ان (چوڻ) تي مضبوط رهيا.

عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ⑬ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ خٰلِدِيْنَ

انهن تي ۽ نڪي اهي ڏڪارا ٿيندا. اهي ئي جنت وارا آهن هميشہ رهندا

تن کي نڪو ڀئو آهي نہ کي غمگين هوندا. اهي بهشتي آهن منجهس سدائين رهڻ وارا آهن.

فِيْهَا ۚ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ⑭ وَوَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ

ان ۾، عوض ان جي جيڪي عمل ڪندا هئا. ۽ پارت ڪئي سون انسان کي پنهنجي پيءُ ماءُ سان

جيڪي ڪندا هئا، تنهن جي بدلي ۾ (اهو بهشت ڏبو). ۽ ماڻهوءَ کي پنهنجي ماءُ پيءُ سان چڱائي ڪرڻ جو حڪم ڪيوسون.

اِحْسٰنًا ؕ حَمَلَتْهُ اُمُّهٗ كُرْهًا وَّوَضَعَتْهُ كُرْهًا ؕ وَحَمْلُهٗ وَفِصٰلُهٗ

ڀلائي ڪرڻ جي، پيٽ ۾ کنيو انکي سندس ماءُ ڏکيائي سان ۽ ڄڻيائينس ڏکيائيءَ سان، ۽ هئڻ ان جو پيٽ ۾ رهڻ ۽ ٿڃ ڇڏڻ

(جو) تڪليف سان سندس ماءُ کيس (پيٽ ۾) کنيو آهي ۽ تڪليف سان کيس ڄڻيو آهي ۽ (ڳهت ۾ ڳهت) ان جو (پيٽ ۾) کڻڻ

ثَلٰثُوْنَ شَهْرًا ؕ حَتّٰٓى اِذَا بَلَغَ اَشُدَّهٗ وَبَلَغَ اَرْبَعِيْنَ سَنَةً ۙ

ٽيهہ مهينا، نيٺ جڏهن رسيو پنهنجي طاقت کي ۽ پهتو چاليهن ورهين کي

۽ ان جو (کير کان) ڇڏائڻ ٽيهہ مهينا آهي، تان جو جڏهن پنهنجيءَ جوانيءَ کي پهتو ۽ چاليهن ورهن (جي ڄمار) کي پهتو

قَالَ رَبِّ اَوْزِعْنِيْٓ اَنْ اَشْكُرَ نِعْمَتَكَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتَ عَلَيَّ

چيائين اي رب منهنجا ڀاڳ بخش مونکي تہ شڪر ڪريان تنهنجي احسان جو جيڪو ڪيو تو مون تي

(تڏهن) چوندو آهي تہ اي منهنجا پالڻهارا مون کي توفيق ڏي تہ تنهنجي انهيءَ نعمت جو شڪر ڪريان، جيڪا مون تي

وَعَلٰى وَالِدَىَّ وَاَنْ اَعْمَلَ صَالِحًا تَرْضٰىهُ وَاَصْلِحْ لِىْ فِىْ

۽ منهنجي پيءُ ماءُ تي ۽ جيئن ڪم ڪريان ڀلو جنهن کان تون خوش ٿئين ۽ نيڪي آڻ مون لاءِ منهنجي

۽ منهنجي ماءُ پيءُ تي انعام ڪئي اٿيئي ۽ تہ (اهڙا) چڱا ڪم ڪريان جن کان (تون) راضي رهين ۽ منهنجي

ذُرِّيَّتِىْ ۚ اِنِّىْ تُبْتُ اِلَيْكَ وَاِنِّىْ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ⑮ اُولٰٓئِكَ

اولاد ۾، بيشڪ مون موٽيس توڏانهن ۽ بيشڪ آءٌ تابعدارن مان آهيان. هي اهي

اولاد مون لاءِ سڌارا بيشڪ آءٌ توڏانهن موٽيس ۽ بيشڪ آءٌ مسلمانن منجهان آهيان. اِهي اُهي آهن

الَّذِيْنَ نَتَقَبَّلُ عَنْهُمْ اَحْسَنَ مَا عَمِلُوْا وَنَتَجَاوَزُ عَنْ سَيِّاٰتِهِمْ

آهن جو قبول ڪريون ٿا انهن کان سڀاڪم جيڪي ڪيا اٿن ۽ معاف ڪريون ٿا انهن جي برائين کي

جن جا تمام چڱا ڪم جيڪي ڪيائون سي قبول ڪندا آهيون ۽ سندن مداين کان ٽارو ڪندا آهيون.

فِىْٓ اَصْحٰبِ الْجَنَّةِ ؕ وَعْدَ الصِّدْقِ الَّذِىْ كَانُوْا يُوْعَدُوْنَ ⑯ وَالَّذِىْ

صاحبن جنت جي ۾، اهو وعدو سچو آهي جو ساڻن ڪيو ويندو هو. ۽ جنهن

(اهي) بهشتين ۾ (شمار) هوندا، جيڪو ساڻن سچو وعدو ڪبو هو تنهن جي ڪري. ۽ جنهن پنهنجي ماءُ پيءُ کي چيو تہ

قَالَ لِوَالِدَيْهِ اُفٍّ لَّكُمَآ اَتَعِدٰنِنِىْٓ اَنْ اُخْرَجَ وَقَدْ خَلَتِ الْقُرُوْنُ

چيو پنهنجي پيءُ ماءُ کي تہ حيف هجيوَ ڇا ڊڪو ڏيو ٿا مون کي تہ ڪڍيو ويندس حالانڪ گذري ويا آهن زمانا

اوهان کي حيف هجي! مون کي انجام ڏيو ٿا ڇا تہ (قبرن مان) ڪڍيو ويندس؟ ۽ بيشڪ مون کان اڳ (ماڻهن جا) ڪيترائي جڳ گذري ويا آهن

مِنْ قَبْلِىْ ۚ وَهُمَا يَسْتَغِيْثٰنِ اللّٰهَ وَيْلَكَ اٰمِنْ ۖۗ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ

مون کان اڳ، ۽ اهي ٻئي پاڙائن پيا الله کي (چون پيا) ويل پوئي ايمان آڻ، بيشڪ ٻول الله جو

(تہ منجهانئن وري ڪوبہ جيئرو نہ ٿيو) ۽ اهي ٻئي الله کي پاڙائيندا آهن (۽ چوندا اٿس تہ) ڪم بخت! ايمان آڻ، چو تہ

حَقٌّ ۚ ۖ فَيَقُوْلُ مَا هٰذَآ اِلَّآ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ⑰ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ

سچو آهي، پوءِ چوي پيو هي آهن رڳو آکاڻيون اڳين جون. هي اهي آهن

الله جو انجام سچو آهي، پوءِ چوندو آهي تہ، اهو (انجام) رڳو اڳوڻن جون آکاڻيون آهن. اِهي اُهي آهن

حَقَّ عَلَيْهِمُ الْقَوْلُ فِىْٓ اُمَمٍ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنَ

ثابت ٿيو جن تي عذاب انهن قومن ۾ جيڪي گذري ويون انهن کان اڳ ۾ کي جن

جن تي (اهڙي) سزا لازم ٿي، (جهڙي انهن) ٽولين ۾ ٿي جي جنن ۽ ماڻهن مان کانئن اڳ گذري ويا.

الْجِنِّ وَالْاِنْسِ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا خٰسِرِيْنَ ⑱ وَلِكُلٍّ دَرَجٰتٌ مِّمَّا عَمِلُوْا ۚ

هئا ۽ ڪي ماڻهو بيشڪ اهي ٽوٽي ۾ آهن. ۽ هرهڪ لاءِ درجا آهن سندن عملن جا.

بيشڪ اهي ٽوٽي وارا هئا. ۽ سڀ ڪنهن لاءِ (ڪار ڪار) درجا انهيءَ آهر آهن، جيڪي ڪم ڪيائون

وَلِيُوَفِّيَهُمْ اَعْمَالَهُمْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿١٩﴾ وَيَوْمَ يُعْرَضُ الَّذِيْنَ

۽ جيئن پورو بدلو ڏئي کين سندن عملن جو ۽ اهي نہ ظلم ڪيا ويندا. ۽ جنهن ڏينهن پيش ڪيا ويندا

۽ (هيءَ هن لاءِ) تہ (الله) سندن عملن جو کين پورو بدلو ڏئي ۽ مٿن ظلم نہ ڪبو. ۽ انهيءَ ڏينهن، جو ڪافر باهہ جي آڏو ڪبا

كَفَرُوْا عَلَى النَّارِ ؕ اَذْهَبْتُمْ طَيِّبٰتِكُمْ فِيْ حَيَاتِكُمُ الدُّنْيَا وَاسْتَمْتَعْتُمْ

ڪافر باهہ تي، زيان ڪيون اوهان نعمتون پنهنجون حياتي پنهنجي دنيا واريءَ ۾ ۽ مزا ماڻيو

(چئبن تہ) پنهنجون نعمتون پنهنجي دنيائي حياتيءَ ۾ (تہ) وڃائي چڪئو، ۽ انهن سان مزا ماڻيندا رهيو.

بِهَا ۚ فَالْيَوْمَ تُجْزَوْنَ عَذَابَ الْهُوْنِ بِمَا كُنْتُمْ تَسْتَكْبِرُوْنَ فِي

انهن سان، پوءِ اڄ اوهان کي سزا ڏني ويندي عذاب ذلت جي هنڪري جو توهان تڪبر ڪندا هئا

تنهن ڪري اڄ اوهان کي خواريءَ جي عذاب جو بدلو انهيءَ ڪري ڏبو جو زمين ۾ ناحق وڏائي

الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَبِمَا كُنْتُمْ تَفْسُقُوْنَ ﴿٢٠﴾ ع وَاذْكُرْ اَخَا عَادٍ ؕ اِذْ ع ٢

زمين ۾ ناحق ۽ هنڪري جو توهان بي فرماني ڪندا هئا. ۽ ياد ڪر عاد جي ڀاءُ کي، جڏهن

ڪندا هيو ۽ انهيءَ ڪري (بہ) جو بدڪاري ڪندا هيو. ۽ عاد جي ڀاءُ (هود جي قصي) کي ياد ڪر، جڏهن

اَنْذَرَ قَوْمَهٗ بِالْاَحْقَافِ وَقَدْ خَلَتِ النُّذُرُ مِنْ بَيْنِ يَدَيْهِ وَ

ڊيڄاريائين پنهنجي قوم کي احقاف ۾ ۽ گذري ويا هئا ڊيڄاريندڙ انهن جي اڳتان ۽

پنهنجيءَ قوم کي (واديءَ) احقاف ۾ ڊيڄاريائين ۽ بيشڪ سندس اڳيان ۽ سندس پوئتان (ڪيترائي) ڊيڄاريندڙ گذريا هئا.

مِنْ خَلْفِهٖٓ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّا اللّٰهَ ؕ اِنِّيْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ

پوئتان تہ نہ عبادت ڪريو پر الله جي، بيشڪ مان ڊڃان ٿو توهان تي عذاب ڏينهن

تہ الله کان سواءِ (ٻئي) ڪنهن جي عبادت نہ ڪريو. بيشڪ آءٌ اوهان تي وڏي ڏينهن جي عذاب (اچڻ) کان ڊڃان ٿو.

عَظِيْمٍ ﴿٢١﴾ قَالُوْٓا اَجِئْتَنَا لِتَاْفِكَنَا عَنْ اٰلِهَتِنَا ۚ فَاْتِنَا بِمَا تَعِدُنَآ اِنْ

وڏي جي کان. چيائون ڇا آيو آهين اسان وٽ تہ ڦيرين اسان کي اسان جي مالڪن کان، پوءِ آڻ اسان ڏي ان کي جنهن جو ڊڙڪو ٿو ڏين جيڪڏهن

چيائون تہ اسان وٽ هن لاءِ آيو آهين ڇا تہ اسان کي پنهنجن معبودن (جي عبادت) کان ڦيرائين؟ پوءِ جيڪڏهن سچن مان آهين

كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٢٢﴾ قَالَ اِنَّمَا الْعِلْمُ عِنْدَ اللّٰهِ ۖ٘ وَاُبَلِّغُكُمْ مَّآ

آهين تون سچن مان. چيائين رڳو اها خبر آهي الله کي، ۽ پهچايان ٿو توهان کي اهو پيغام

تہ جيڪو وعدو اسان کي ڏئين ٿو سو اسان وٽ آڻ! چيائين تہ (اها) خبر رڳو الله کي آهي ۽ جنهن (پيغام) سان موڪليو ويو آهيان.

اُرْسِلْتُ بِهٖ وَلٰكِنِّيْٓ اَرٰىكُمْ قَوْمًا تَجْهَلُوْنَ ﴿٢٣﴾ فَلَمَّا رَاَوْهُ عَارِضًا

جنهن سان موڪليو ويس، پر مان ڏسان ٿو تہ اوهين قوم جاهل آهيو. پوءِ جڏهن ڏٺائون انکي ڪڪر

سو اوهان کي پهچايان ٿو پر اوهان کي هڪ جاهل قوم ڏسان ٿو. پوءِ جنهن مهل ان کي ڪڪر (جهڙو) ڏٺائون، جو سندن وادين

مُّسْتَقْبِلَ اَوْدِيَتِهِمْ ۙ قَالُوْا هٰذَا عَارِضٌ مُّمْطِرُنَا ؕ بَلْ هُوَ مَا

سامهون ايندڙ سندن نئين تي چيائون هي بادل آهي وسڻ وارو اسان تي، پر هي اهو آهي

ڏانهن سامهون ايندڙ ھو، (تنهن مهل) چيائون ته هيءُ ڪڪر آهي جو اسان تي وسندو. (هود چيو ته نه) بلڪ اهو (ڪڪر حقيقت ۾) اهو (عذاب) آهي

اسْتَعْجَلْتُمْ بِهٖ ؕ رِيْحٌ فِيْهَا عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۙ ﴿۲۴﴾ تُدَمِّرُ كُلَّ شَيْءٍۭ بِاَمْرِ

جنهن جي تڪڙ تي ڪيو، اهو واءُ آهي جنهن ۾ عذاب دردناڪ آهي. جو تباهه ڪندو هر شيءِ کي پنهنجي رب جي

جنهن کي جلدي گهريو، (اها) هڪ آنڌي آهي، جنهن ۾ ڏکوئيندڙ عذاب آهي. (جو) پنهنجي پالڻهار جي حڪم سان سڀ ڪنهن شيءِ کي ناس ڪندي.

رَبِّهَا فَاَصْبَحُوْا لَا يُرٰٓى اِلَّا مَسٰكِنُهُمْ ؕ كَذٰلِكَ نَجْزِي الْقَوْمَ

حڪم سان پوءِ ٿيا اهڙا جو نه پيا ڏسجن پر گهر انهن جا، اهڙي طرح سزا ڏيندا آهيون ڏوهاري

پوءِ (اهڙا ناس) ٿيا جو سندن گهرن کان سواءِ (ٻيو) ڪجهه نه ٿي ڏٺو ويو. اهڙيءَ طرح ڏوهاريءَ قوم کي سزا ڏيندا آهيون.

الْمُجْرِمِيْنَ ﴿۲۵﴾ وَلَقَدْ مَكَّنّٰهُمْ فِيْمَآ اِنْ مَّكَّنّٰكُمْ فِيْهِ وَجَعَلْنَا

قوم کي. ۽ بيشڪ اسان جاءِ ڏني سون انهن کي اهڙي هنڌ جو نه جاءِ ڏني سون توهان کي اتي ۽ ڏنا سون

۽ بيشڪ انهن کي اهڙي جاءِ ڏني هئي سون جو اوهان کي به جاءِ نه ڏني سون ۽ انهن کي

لَهُمْ سَمْعًا وَّاَبْصَارًا وَّاَفْـِٕدَةً ۖ فَمَآ اَغْنٰى عَنْهُمْ سَمْعُهُمْ وَلَآ

انهن کي ڪن ۽ اکيون ۽ دليون پوءِ نه ٽاريو انهن کان سندن ڪنن ۽ نڪي

ڪن ۽ اکيون ۽ دليون ڏنيون هيون سون، پوءِ جڏهن الله جي آيتن جو انڪار ڪيائون، تڏهن نڪي سندن ڪنن

اَبْصَارُهُمْ وَلَآ اَفْـِٕدَتُهُمْ مِّنْ شَيْءٍ اِذْ كَانُوْا يَجْحَدُوْنَ ۙ بِاٰيٰتِ

سندن اکين ۽ نڪي سندن دلين ڪنهن شيءِ کي جو ته اهي انڪار ڪندا هئا الله جي آيتن

۽ نڪي سندن اکين ۽ نڪي سندن دلين ڪجهه به (عذاب) کانئن ٽاريو ۽ جنهن (عذاب) بابت

اللّٰهِ وَحَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿۲۶﴾ وَلَقَدْ اَهْلَكْنَا مَا

جو ۽ ڪڙڪي پيو انهن تي اهو جنهن تي ٺٺوليون ڪندا هئا. ۽ بيشڪ تباهه ڪياسون جيڪي

ٺٺوليون ڪندا هئا، سو مٿن ڪڙڪيو. ۽ بيشڪ جيڪي ڳوٺ اوهان جي آس پاس آهن، سي (سڀ) ناس ڪياسون

حَوْلَكُمْ مِّنَ الْقُرٰى وَصَرَّفْنَا الْاٰيٰتِ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿۲۷﴾ فَلَوْلَا

توهان جي چوڌاري هئا ڳوٺ، ۽ وري وري ڦيرايون سون آيتون مَن اهي موٽن. پوءِ ڇو نه

۽ (پنهنجون) طرحين طرحين نشانيون ڦيريون ڪيون سون ته مَن اهي (ڪفر کان) موٽن. پوءِ الله کان سواءِ (ٻين)

نَصَرَهُمُ الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ قُرْبَانًا اٰلِهَةً ؕ بَلْ ضَلُّوْا

مدد ڪئي انهن جي تن جن کي بڻايائون الله کان سواءِ ويجهي ٿيڻ خاطر معبود، پر اهي گم ٿي ويا

جن کي (الله جي) ويجهڙائيءَ لاءِ (پنهنجا) معبود ڪري ورتا هيائون تن ڪين مدد ڇو نه ڏني هئي؟ (نه) بلڪ (اُهي عذاب وقت)

عَنۡهُمۡ ؕ وَ ذٰلِكَ اِفۡكُهُمۡ وَ مَا كَانُوۡا يَفۡتَرُوۡنَ ﴿۲۸﴾ وَ اِذۡ صَرَفۡنَاۤ اِلَيۡكَ

انهن کان، ۽ اهو هئوسندن کوڙ ۽ جيکي ٺاهه ٺاهيندا هئا. ۽ جڏهن لاڙيوسون توڏانهن

کاٺن گم ٿي ويا ۽ اهو سندن کوڙ آهي ۽ جيکو ٺاهه ٺاهيندا هئا (سو بہ گم ٿي ويو). ۽ (ياد ڪر!) جڏهن جنن مان هڪ ٽولي ۽ کي

نَفَرًا مِّنَ الۡجِنِّ يَسۡتَمِعُوۡنَ الۡقُرۡاٰنَ ۚ فَلَمَّا حَضَرُوۡهُ قَالُوۡۤا اَنۡصِتُوۡا ۚ

ٽولو جنن جو اهي ٻڌن پيا قرآن، پوءِ جڏهن آيا اتي چيائون ماٺ ڪريو.

توڏانهن لاڙيوسون جو قرآن ٻڌائون ٿي، پوءِ جنهن مهل پيغمبر وٽ پهتا، (تنهن مهل) چيائون تہ ماٺ ڪريو!

فَلَمَّا قُضِيَ وَلَّوۡا اِلٰى قَوۡمِهِمۡ مُّنۡذِرِيۡنَ ﴿۲۹﴾ قَالُوۡا يٰقَوۡمَنَاۤ اِنَّا

پوءِ جڏهن پورو ٿيو تہ موٽيا پنهنجي قوم ڏانهن ڊيڄاريندڙ ٿي. چيائون اي قوم اسان جي بيشڪ اسان

پوءِ جنهن مهل (قرآن پڙهي) پورو ڪيو ويو تہ پنهنجيءَ قوم ڏانهن ڊيڄاريندڙ ٿي موٽيا. چيائون تہ، اي اسان جي قوم! بيشڪ اسان

سَمِعۡنَا كِتٰبًا اُنۡزِلَ مِنۡۢ بَعۡدِ مُوۡسٰى مُصَدِّقًا لِّمَا بَيۡنَ يَدَيۡهِ

ٻڌو اهڙو ڪتاب جو لاٿو ويو موسىٰ کان پوءِ سچو چوندڙ انکي جيڪي ان جي اڳيان آهي

اهڙو ڪتاب ٻڌو جو موسىٰ کان پوءِ لاٿو ويو آهي، جو جيڪي ان کان اڳ (نازل ٿيل) هو تنهن (سڀ) کي سچو ڪندڙ آهي،

يَهۡدِىۡۤ اِلَى الۡحَقِّ وَ اِلٰى طَرِيۡقٍ مُّسۡتَقِيۡمٍ ﴿۳۰﴾ يٰقَوۡمَنَاۤ اَجِيۡبُوۡا دَاعِىَ

ڏس ڏئي ٿو حق ڏانهن ۽ طرف رستي سڌي جي. اي اسان جي قوم سڏ قبوليو الله جي

سچي دين ڏانهن ۽ سڌيءَ واٽ ڏانهن رستو ڏيکاري ٿو. اي اسان جي قوم! الله جي (طرف) سڏيندڙ کي سڏ ڏيو

اللّٰهِ وَ اٰمِنُوۡا بِهٖ يَغۡفِرۡ لَـكُمۡ مِّنۡ ذُنُوۡبِكُمۡ وَيُجِرۡكُمۡ مِّنۡ عَذَابٍ

سڏيندڙ جو ۽ ايمان آڻيو ان تي تہ بخشي توهان لاءِ گناهہ توهان جا ۽ بچائي توهانکي عذاب

۽ ان تي ايمان آڻيو تہ (الله) اوهان جا ڪي ڏوهہ اوهان کي بخشي ۽ ڏکوئيندڙ عذاب کان اوهان کي ڇڏائي.

اَلِيۡمٍ ﴿۳۱﴾ وَمَنۡ لَّا يُجِبۡ دَاعِىَ اللّٰهِ فَلَيۡسَ بِمُعۡجِزٍ فِى الۡاَرۡضِ وَ

دردناڪ کان. ۽ جيڪو نہ ورنائيندو الله ڏانهن سڏيندڙ کي پوءِ ناهي عاجز ڪندڙ زمين ۾ ۽

۽ جيڪو الله ڏانهن سڏيندڙ کي سڏ نہ ڏيندو سو ملڪ ۾ (ڀڄي) ٽڪائڻ وارو نہ آهي ۽

لَيۡسَ لَهٗ مِنۡ دُوۡنِهٖۤ اَوۡلِيَآءُ ؕ اُولٰۤئِكَ فِىۡ ضَلٰلٍ مُّبِيۡنٍ ﴿۳۲﴾ اَوَلَمۡ

ناهن انهيءَ لاءِ ان کان سواءِ ڪي مددگار، اهي آهن پڌري ۾. گمراهي ڇانہ

الله کان سواءِ ان جا ڪي سڄڻ نہ آهن، اهي پڌريءَ گمراهيءَ ۾ آهن. نہ ڏٺو اٿن ڇا؟

يَرَوۡا اَنَّ اللّٰهَ الَّذِىۡ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ وَلَمۡ يَعۡىَ بِخَلۡقِهِنَّ

ڏٺائون تہ بيشڪ الله اهو آهي جنهن پيدا ڪيو آسمانن ۽ زمين کي ۽ نہ ماندو ٿيو انهن جي بڻائڻ ۾

تہ الله جنهن آسمانن ۽ زمين کي بڻايو آهي ۽ انهن جي بڻائڻ ۾ نہ ٿڪو، سو هن (ڳالهہ)

بِقٰدِرٍ عَلٰٓى اَنْ يُّحْيِۦَ الْمَوْتٰى ؕ بَلٰٓى اِنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٣٣﴾

سوئي قادر آهي | تہ جيئرو ڪري | مئلن کي، | هائو بيشڪ اهو | هر شيء تي | قادر آهي.

تي وس وارو آهي تہ مئلن کي جياري، هائو! بيشڪ اهو سڀ ڪنهن شيء تي وس وارو آهي.

وَيَوْمَ يُعْرَضُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا عَلَى النَّارِ ؕ اَلَيْسَ هٰذَا بِالْحَقِّ ؕ

۽ (يادڪر) ان ڏينهن کي جو | پيش ڪيا ويندا | اهي جن | ڪفر ڪيو | باهہ تي، | ڇا نہ آهي | اهو | سچ،

۽ جنهن ڏينهن ڪافر باهہ جي سامهون آڻبا، (تنهن ڏينهن چئبن تہ) هي (وعدو) سچ نہ آهي ڇا؟ چوندا هائو!

قَالُوْا بَلٰى وَرَبِّنَا ؕ قَالَ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ ﴿٣٤﴾

چوندا | هائو قسم اسان جي رب جو، | چوندو | پوءِ چکو | عذاب کي | جو توهان | ڪفر ڪندا هئا.

اسان جي پالڻهار جو قسم آهي! (تہ سچ آهي) (الله) چوندو تہ (هاڻي) انهيءَ ڪري عذاب چکو جو انڪار ڪندا هيو.

فَاصْبِرْ كَمَا صَبَرَ اُولُوا الْعَزْمِ مِنَ الرُّسُلِ وَلَا تَسْتَعْجِلْ لَّهُمْ ؕ

پوءِ صبر ڪر جيئن صبر ڪيو | همت وارن | رسولن | ۽ نہ | سزا تڪڙي گھر | انهن لاءِ،

پوءِ (اي پيغمبر!) جيئن وڏيءَ همت وارن پيغمبرن صبر ڪيو هو تيئن (تون بہ) صبر ڪر! ۽ انهن لاءِ (عذاب) جلد نہ گھر جنهن (قيامت) جو ڪين

كَاَنَّهُمْ يَوْمَ يَرَوْنَ مَا يُوْعَدُوْنَ ۙ لَمْ يَلْبَثُوْٓا اِلَّا سَاعَةً مِّنْ

اهي | جنهن ڏينهن | ڏسندا | وعدي ڪيل وقت کي | ڄڻ نہ رهيا هئا | پر | ڪا گھڙي

انجام ڏجي ٿو سو جنهن ڏينهن ڏسندا تهن ڏينهن (ائين ڀائيندا تہ دنيا ۾) ڄڻڪ اُهي ڏينهن جي هڪ گھڙيءَ کان سواءِ (وڌيڪ) رهيا ئي نہ هئا.

نَّهَارٍ ؕ بَلٰغٌ ۚ فَهَلْ يُهْلَكُ اِلَّا الْقَوْمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿٣٥﴾ ع

ڏينهن جي، | اهو پهچائڻ آهي، | پوءِ نہ | تا تباهہ ٿين | پر | ماڻهو | نافرمان.

(اهو پيغام) پهچائڻو آهي، پوءِ بدڪارن جي قوم کان سواءِ (ٻيو) هلاڪ نہ ڪبو.

سُوْرَةُ مُحَمَّدٍ مَدَنِيَّةٌ | بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ | اٰيَاتُهَا ٣٨ رُكُوْعَاتُهَا ٤

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اَلَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَضَلَّ اَعْمَالَهُمْ ﴿١﴾

جن | ڪفر ڪيو | ۽ | روڪيائون | الله جي راهہ کان | تہ برباد ڪيائين | انهن جي عملن کي

جن ڪفر ڪيو ۽ (ماڻهن کي) الله جي واٽ کان جهليو تن جي عملن کي الله چٽ ڪيو.

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَاٰمَنُوْا بِمَا نُزِّلَ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّهُوَ

۽ | جن | ايمان آندو ۽ | ڪيا | چڱا ڪم | ۽ مڃيائون جيڪي | لاٿو ويو | محمد تي | ۽ اهو ئي

۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا ۽ جيڪي محمد (ﷺ) تي نازل ڪيو ويو ۽ اهو سندس پالڻهار

الْحَقُّ مِنْ رَّبِّهِمْ ۙ كَفَّرَ عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ وَاَصْلَحَ بَالَهُمْ ② ذٰلِكَ

حق آهي   سندن رب کان   لاٿائين   انهن کان   برايون انهن جون   ۽   سڌاريائين حال انهن جو.   اهو

وٽان سچ (آيل) آهي، تنهن کي مڃيائون، تن جون مدايون کانئن ميٽايائين ۽ سندن حا ل کي سڌاريائين. اهو

بِاَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوا اتَّبَعُوا الْبَاطِلَ وَاَنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّبَعُوا

هنڪري تہ   جن   ڪفر ڪيو   اهي ڪيڙلڳا   ڪوڙ کي   ۽   بيشڪ   جن   ايمان آندو   تابع ٿيا

هن ڪري آهي جو ڪافر ڪوڙ جي پٺيان لڳا ۽ مومنن پنهنجي پالڻهار جي سچي دين جي پيروي ڪئي،

الْحَقَّ مِنْ رَّبِّهِمْ ۭ كَذٰلِكَ يَضْرِبُ اللّٰهُ لِلنَّاسِ اَمْثَالَهُمْ ③ فَاِذَا لَقِيْتُمُ

سچ کي   جو سندن رب طرفان آهي،   اهڙي طرح   بيان ڪري ٿو   الله   ماڻهن لاءِ   مثال انهن جا.   پوءِ جڏهن   ٽڪرجو

اهڙيءَ طرح الله ماڻهن لاءِ سندن احوال بيان ڪندو آهي. پوءِ جڏهن اوهين ڪافرن سان جنگ ڪريو،

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَضَرْبَ الرِّقَابِ ۭ حَتّٰٓى اِذَآ اَثْخَنْتُمُوْهُمْ فَشُدُّوا

ڪافرن سان   تہ هڻو   گردنون،   ايستائين جڏهن   رتوڇاڻ ڪريو انهن جي   پوءِ پڪڙيو

تڏهن (انهن جون) گردنيون ڪٽيو، تان جو جڏهن منجهن گهڻو رت ڇاڻ ڪيو، تڏهن قيدين کي مضبوط ٻڌو،

الْوَثَاقَ ڰ فَاِمَّا مَنًّۢا بَعْدُ وَاِمَّا فِدَاۗءً حَتّٰى تَضَعَ الْحَرْبُ اَوْزَارَهَا ڔ ٥

رسا   پوءِ يا   ٽوروڪريون ان کان پوءِ   يا عوض وٺون   جيستائين   رکي   جنگ   هٿيار پنهنجا.

وري (قيد کان) پوءِ يا تہ احسان ڪرڻ (سان ڇڏڻ) يا ڇٽي وٺڻ (گهرجي) تان جو ويڙهہ (وارا) پنهنجا هٿيار رکي ڇڏين

ذٰلِكَ ڔ وَلَوْ يَشَاۗءُ اللّٰهُ لَانْتَصَرَ مِنْهُمْ ۙ وَلٰكِنْ لِّيَبْلُوَا۟ بَعْضَكُمْ

اهوئي   ۽ جيڪڏهن گهري ها   الله   تہ بدلو وٺي ها   انهن کان   پر   آزمائي ٿو   توهان مان هڪڙن کي

(يعني ويڙهہ بند ٿئي)، اهو حڪم آهي ۽ جيڪڏهن الله گهري ها تہ (پاڻ) کانئن بدلو وٺي ها. پر (گهرندو آهي تہ)

بِبَعْضٍ ۭ وَالَّذِيْنَ قُتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَلَنْ يُّضِلَّ اَعْمَالَهُمْ ④

ٻين سان،   ۽   جيڪي   مارجي ويا   الله جي راهہ ۾   پوءِ هرگز نہ   وڃائيندو   عمل انهن جا.

اوهان مان ڪن کي ڪن سان پرکي ۽ جيڪي الله جي واٽ ۾ ڪُٺا تن جا عمل ڪڏهن ڇٽ نہ ڪندو.

سَيَهْدِيْهِمْ وَيُصْلِحُ بَالَهُمْ ⑤ ۚ وَيُدْخِلُهُمُ الْجَنَّةَ عَرَّفَهَا لَهُمْ ⑥

اڄجو هدايت ڪندو انهن کي   ۽   سڌاريندو   حال انهن جو.   ۽   داخل ڪندو کين   جنت ۾   ڄاڻايائين   انهن کي.

کين سڌو رستو ڏيکاريندو ۽ سندن حال سڌاريندو. ۽ کين انهيءَ بهشت ۾ داخل ڪندو، جيڪو کين ڄاڻايو اٿس.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنْ تَنْصُرُوا اللّٰهَ يَنْصُرْكُمْ وَيُثَبِّتْ اَقْدَامَكُمْ ⑦

اي ايمان وارؤ!   جيڪڏهن   مدد ڪندؤ   الله جي   تہ مدد ڪندو توهان جي   ۽   ڄمائيندو   توهان جي قدمن کي.

اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن اوهين الله (جي دين) جي مدد ڪندؤ تہ (الله) اوهان جي مدد ڪندو ۽ اوهان جا قدم مضبوط ڪندو.

لغة وتثبيتاً بقوله ذلك ولكن حسن الصاقه بما قبله ويوقف على ذلك اه

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَتَعْسًا لَّهُمْ وَاَضَلَّ اَعْمَالَهُمْ ۝٨ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَرِهُوْا

۽ جن كفر كيو پوءِ تباهي آهي انهن لاءِ ۽ گم كيائين عمل انهن جا. اهو هن كري جو انهن ناپسند كيو

۽ جن انڪار ڪيو تن کي شال هلاڪي هجي ۽ (الله) سندن عملن کي چٽ ڪيو. اِها (سزا) هن ڪري آهي جو

مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاَحْبَطَ اَعْمَالَهُمْ ۝٩ اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا

انكي جو نازل كيو الله پوءِ بيكار كيائين عمل انهن جا. ڇا پوءِ نہ گهميا زمين ۾ پوءِ ڏسن ته

جيڪي الله نازل ڪيو آهي، تنهن کي انهن ناپسند ڪيو، تنهن ڪري الله سندن عملن کي چٽ ڪيو. زمين ۾ نہ گهميا آهن ڇا تہ

كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۭ دَمَّرَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ ۡ وَلِلْكٰفِرِيْنَ

كيئن ٿي پڇاڙي انهن جي جيكي انهن كان اڳ هئا، ڊاهو وڌو الله انهن تي ۽ كافرن لاءِ آهن

نهارين تہ جيڪي ڪانئن اڳ هئا، تن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي؟ الله مٿن هلاڪي نازل ڪئي ۽ ڪافرن لاءِ اهڙيون (ٿي سزائون) آهن.

اَمْثَالُهَا ۝١٠ ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ مَوْلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَاَنَّ الْكٰفِرِيْنَ

اهڙيون عقوبتون. هن كري ته الله سڄڻ آهي مؤمنن جو ۽ بيشك كافر

اهو هن ڪري آهي جو الله مومنن جو ڪارساز آهي ۽ (هن ڪري بہ) تہ ڪافرن جو ڪو سڄڻ نہ آهي.

لَا مَوْلٰى لَهُمْ ۝١١ ع اِنَّ اللّٰهَ يُدْخِلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ

ناهي كو بہ ساٿي انهن جو. يقينن الله داخل كندو انهن كي جن ايمان آندو ۽ عمل صالح كيا

جن ايمان آندو آهي ۽ چڱا ڪر ڪيا آهن، تن کي بيشڪ الله اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو

جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۭ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا يَتَمَتَّعُوْنَ وَ

باغن ۾ جو وهن ٿيون انهن جي هيٺان واهيون، ۽ جن كفر كيو فائدو وٺن ٿا ۽

جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن ۽ جن انڪار ڪيو (سي دنيا جو) نفعو وٺندا آهن ۽ ائين کائيندا آهن، جيئن

يَاْكُلُوْنَ كَمَا تَاْكُلُ الْاَنْعَامُ وَالنَّارُ مَثْوًى لَّهُمْ ۝١٢ وَكَاَيِّنْ مِّنْ قَرْيَةٍ

كائن ٿا جيئن كائيندا آهن ڍور ۽ باهہ آهي ٽكاڻو انهن جو. ۽ كيترائي ڳوٺ

ڍور کائيندا آهن ۽ (هميشہ) سندن جاءِ باهہ آهي. ۽ (اي پيغمبرا) تنهنجي ڳوٺ، جنهن (جي ماڻهن) توکي ڪڍي ڇڏيو.

هِيَ اَشَدُّ قُوَّةً مِّنْ قَرْيَتِكَ الَّتِيْٓ اَخْرَجَتْكَ ۚ اَهْلَكْنٰهُمْ فَلَا نَاصِرَ

اهي طاقتور هئا تنهنجي ڳوٺ كان جنهن كيي ڇڏيو توكي، ناس كيوسون انهن كي پوءِ نہ هئو كو بہ مددگار

تنهن کان وڌيڪ سگهہ وارا ڪيترائي ڳوٺ هئا، جو انهن کي ناس ڪيوسون، پوءِ انهن جو ڪو واهرو نہ هو.

لَهُمْ ۝١٣ اَفَمَنْ كَانَ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّهٖ كَمَنْ زُيِّنَ لَهٗ سُوْٓءُ عَمَلِهٖ

انهن جو. ڇا پوءِ جيكو آهي پنهنجي رب جي سڌي ڏس تي سو انگر آهي جو سينگاريو ويو ان لاءِ بڇڙو عمل ان جو

جيڪو پنهنجي پالڻهار ڪان پڌريءَ حجت تي هجي، سو انهيءَ جهڙو هي ڇا؟ جنهن کي سندس بڇڙا ڪر چڱا ڪري ڏيکاريا ويا

وَاتَّبَعُوْٓا اَهْوَآءَهُمْ ⑭ مَثَلُ الْجَنَّةِ الَّتِيْ وُعِدَ الْمُتَّقُوْنَ ۭ فِيْهَآ اَنْهٰرٌ

۽ هليا پنهنجي خيالن تي. بيان باغ جو جنهن جو وعدو ڪيل آهي پرهيزگارن سان، هي آهي ته ان ۾ واهه آهن

۽ پنهنجين سڌن جي پٺيان لڳا؟ جنهن بهشت جو پرهيزگارن کي انجام ڏنو ويو آهي، تنهن جي وصف هيءَ آهي، جو ان ۾ اهڙي پاڻيءَ جون نهرون آهن

مِّنْ مَّآءٍ غَيْرِ اٰسِنٍ ۚ وَاَنْهٰرٌ مِّنْ لَّبَنٍ لَّمْ يَتَغَيَّرْ طَعْمُهٗ ۚ وَاَنْهٰرٌ مِّنْ

پاڻي جا جو قريل نه آهي. ۽ واهه کير جا جو نه بدليو آهي مزوان جو. ۽ نهرون

جو (گهڻي رهڻ ڪري) نه سينواريو آهي ۽ اهڙي کير جون نهرون آهن، جنهن جو مزو نه مٽيو آهي ۽ پيئندڙن کي لذت ڏيندڙ

خَمْرٍ لَّذَّةٍ لِّلشّٰرِبِيْنَ ڬ وَاَنْهٰرٌ مِّنْ عَسَلٍ مُّصَفًّى ۭ وَلَهُمْ فِيْهَا

شراب لذيذ جون آهن پيئندڙن لاءِ، ۽ نهرون ماکيءَ صاف جون، ۽ انهن لاءِ اتي

شراب جون نهرون آهن ۽ صفا ڪيل ماکيءَ جون به نهرون آهن، ۽ انهن لاءِ منجهس هر جنس جا ميوا آهن

مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ وَمَغْفِرَةٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ ۭ كَمَنْ هُوَ خَالِدٌ فِي النَّارِ

هر قسم جا ميوا آهن ۽ معافي سندن پروردگار جي. انهن جهڙو آهي ڇا جيڪي هميشه هجن باهه ۾

۽ سندن پالڻهار وٽان (مٺن) بخشش (بہ) آهي (اهي) انهن جهڙا آهن ڇا، جيڪي باهه ۾ سدائين رهڻ وارا هجن

وَسُقُوْا مَآءً حَمِيْمًا فَقَطَّعَ اَمْعَآءَهُمْ ⑮ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّسْتَمِعُ اِلَيْكَ ۚ

۽ پياريا وڃن پاڻي ٽهڪندڙ پوءِ ڪپي آنڊا انهن جا. ۽ انهن مان ڪي ڪن ڏين ٿا توڏانهن،

۽ جن کي ڪوسو پاڻي پياريو وڃي جو سندن آنڊن کي ڇني ڇڏي؟ ۽ منجهائن ڪو اهڙو آهي جو توڏانهن ڪن ڏيندو آهي،

حَتّٰٓى اِذَا خَرَجُوْا مِنْ عِنْدِكَ قَالُوْا لِلَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ مَاذَا قَالَ اٰنِفًا ۣ

نيٺ جڏهن نڪرن ٿا تو وٽان چون ٿا انهن کي جن کي ڏنو ويو علم ته ڇا چيائين هينئر،

تان جو جنهن مهل تو وٽان نڪرندا آهن (تنهن مهل) جن کي علم ڏنو ويو تن کي چوندا آهن ته هاڻي (پيغمبر) ڇا چيو؟

اُولٰۗىِٕكَ الَّذِيْنَ طَبَعَ اللّٰهُ عَلٰي قُلُوْبِهِمْ وَاتَّبَعُوْٓا اَهْوَآءَهُمْ ⑯ وَالَّذِيْنَ

هي اهي آهن جو مهر هنئي الله انهن جي دلين تي ۽ هليا پنهنجي خواهشن تي. ۽ جيڪي

اِهي اهي آهن، جن جي دلين تي الله مهر هنئي آهي ۽ جيڪي پنهنجي (نفس جي) سڌن تي هليا. ۽ جن سڌو رستو ورتو

اهْتَدَوْا زَادَهُمْ هُدًى وَّاٰتٰىهُمْ تَقْوٰىهُمْ ⑰ فَهَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا

هدايت وارا ٿيا وڌايائين انهن کي هدايت ۾ ۽ ڏنائين انهن کي پرهيزگاري. پوءِ ڇا رڳو انتظار ٿا ڪن

تن کي الله هدايت ۾ وڌايو ۽ کين سندن پرهيزگاري ڏني. (ڪافر) پاڻ وٽ قيامت جي اوچتي اچڻ کان سواءِ (ٻي ڳالهه جا) منتظر نه آهن.

السَّاعَةَ اَنْ تَاْتِيَهُمْ بَغْتَةً ۚ فَقَدْ جَاۗءَ اَشْرَاطُهَا ۚ فَاَنّٰى لَهُمْ اِذَا جَاۗءَتْهُمْ

قيامت جو ته اچي انهن وٽ اوچتو، پوءِ اچي چڪيون آهن نشانيون ان جون، پوءِ ڪٿان ايندي وٽن، جڏهن آئي قيامت،

پوءِ بيشڪ ان جون نشانيون اچي چڪيون آهن، پوءِ جڏهن وٽن (قيامت) ايندي، تڏهن کين نصيحت وٺڻ ڪٿان (نفعي واري) ٿيندي؟

ذِكْرٰىهُمْ ⑱ فَاعْلَمْ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاسْتَغْفِرْ لِذَنْۢبِكَ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ

نصيحت انهن جي، پوءِ يقين ڪر ته ڪو به ناهي حاڪم پر الله ۽ معافي گهر پنهنجي گناهن لاءِ ۽ ايمان وارن

پوءِ ڄاڻ ته الله کان سواءِ (ٻيو) ڪو عبادت جي لائق نه آهي ۽ پنهنجن گناهن جي ۽ (سيني) مؤمنن ۽ مومنياڻين لاءِ بخشش گهر

وَالْمُؤْمِنٰتِ ۗ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مُتَقَلَّبَكُمْ وَمَثْوٰىكُمْ ⑲ وَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ ع

۽ ايمان وارين لاءِ، ۽ الله ڄاڻي ٿو ڦرڻ گهرڻ توهانجو ۽ رهڻ توهان جو. ۽ چون ٿا جن

۽ الله اوهان جي اچ وڃ جو هنڌ ۽ اوهان جي رهڻ جي جڳهه ڄاڻندو آهي. ۽ مؤمن چوندا آهن ته ڪا سورة

اٰمَنُوْا لَوْلَا نُزِّلَتْ سُوْرَةٌ ۚ فَاِذَآ اُنْزِلَتْ سُوْرَةٌ مُّحْكَمَةٌ وَّذُكِرَ فِيْهَا

ايمان آندو چو نه لاٿي وئي ڪا سورت، پوءِ جڏهن لاٿي وئي ڪا سورت پڌري ۽ ذڪر ڪيو ويو ان ۾

چو نه نازل ڪئي ويئي؟ پوءِ جڏهن پڌريءَ معنيٰ واري سورة نازل ڪئي وڃي ۽ اُن ۾ جهاد جو ذڪر ڪيو وڃي

الْقِتَالُ ۙ رَاَيْتَ الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ يَّنْظُرُوْنَ اِلَيْكَ نَظَرَ

جنگ جو، ڏسندين انهنکي جن جي دلين ۾ مرض آهي ته ڏسندا توڏانهن ڏسڻ

ته جن جي دلين ۾ بيماري آهي، تن کي ڏسندين ته تو ڏانهن انهيءَ (ماڻهوءَ) جي نهارڻ وانگر ڏسندا آهن.

الْمَغْشِيِّ عَلَيْهِ مِنَ الْمَوْتِ ۗ فَاَوْلٰى لَهُمْ ⑳ طَاعَةٌ وَّقَوْلٌ مَّعْرُوْفٌ قف

ان جهڙو بيهوشي آئي جنهن تي موت کان، پوءِ تباهي آهي انهن لاءِ. ڪپي فرمانبرداري ۽ ڳالهه صحيح،

جنهن کي موت (جي سڪرات) کان بيهوشي پهتي هجي. پوءِ سندن لاءِ خرابي آهي. فرمانبرداري ڪرڻ ۽ چڱي ڳالهه چوڻ (ڪين بهتر) آهي.

فَاِذَا عَزَمَ الْاَمْرُ قف فَلَوْ صَدَقُوا اللّٰهَ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ ۚ ㉑ فَهَلْ عَسَيْتُمْ

پوءِ جيڪڏهن پڪو ٿئي حڪم، پوءِ جيڪر سچا ٿين ها الله سان ته هئو ڀلو انهن لاءِ. پوءِ ڇا ويجها آهيو هن ڪي

پوءِ جڏهن (جهاد جو) ڪم پڪو ٿي چڪي (تڏهن انڪار نه ڪن). جيڪڏهن الله سان سچا هجن ها ته سندن لاءِ ڀلو هجي ها. پوءِ (اي ڪمزور ايمان وارؤ!)

اِنْ تَوَلَّيْتُمْ اَنْ تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ وَتُقَطِّعُوْٓا اَرْحَامَكُمْ ㉒ اُولٰٓئِكَ

جي حاڪم ٿيو ته فساد وجهو ملڪ ۾ ۽ ڇنو مائٽيون پنهنجيون. اهي اُهي آهن

جيڪڏهن (اوهين ماڻهن جا) حاڪم ٿيو ته (اوهين) هن (ڳالهه) کي ويجها آهيو ته زمين ۾ ضرور خرابي ڪندؤ ۽ پنهنجون مائٽيون ڇنندؤ. اهي

الَّذِيْنَ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ فَاَصَمَّهُمْ وَاَعْمٰٓى اَبْصَارَهُمْ ㉓ اَفَلَا يَتَدَبَّرُوْنَ

جن تي لعنت ڪئي الله پوءِ کين ٻوڙو ڪيائين ۽ انڌو ڪيائين سندن اکين کي. ڇا پوءِ نه ٿا سمجهن

اُهي آهن جن کي الله لعنت ڪئي، پوءِ کين ٻوڙو ڪيائين ۽ سندن اکيون انڌيون ڪيائين. ڇا قرآن ۾ غور نه ڪندا آهن

الْقُرْاٰنَ اَمْ عَلٰى قُلُوْبٍ اَقْفَالُهَا ㉔ اِنَّ الَّذِيْنَ ارْتَدُّوْا عَلٰٓى اَدْبَارِهِمْ

قرآن کي يا انهن جي دلين تي ڪلف آهن. بيشڪ جيڪي ڦري ويا پنهنجين پٺين تي

يا (سندن) دلين تي، انهن (دلين) جا، تالا (ڪلف) آهن؟ بيشڪ جيڪي (ماڻهو) اُن کان پوءِ، جو کين هدايت (جي واٽ) پڌري ٿي

مِّنۢ بَعۡدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمُ الۡهُدَى ۙ الشَّيۡطٰنُ سَوَّلَ لَهُمۡ ؕ وَاَمۡلٰى لَهُمۡ ﴿٢٥﴾

هن کان پوءِ جو ظاهر ٿي انهن لاءِ هدايت، شيطان گمراهه ڪيو انهن کي. ۽ کين ڍل ڪرايائين.

پنهنجن پٺين پر ڦريا تن کي شيطان (اهو ڪم) چڱو ڪري ڏيکاريو آهي ۽ کين مهلت (ڍل) جو وعدو ڏنو اٿس.

ذٰلِكَ بِاَنَّهُمۡ قَالُوۡا لِلَّذِيۡنَ كَرِهُوۡا مَا نَزَّلَ اللّٰهُ سَنُطِيۡعُكُمۡ فِىۡ بَعۡضِ

اهو هن ڪري جو چيائون انهنکي جن ناپسند ڪيو انکيجيڪي نازل ڪيو الله تہ چيو وٺنداسون توهان جو ڪن

اهو (سڀ) هن ڪري آهي تہ جيڪي الله نازل ڪيو آهي، تنهن کي جن (ماڻهن) ناپسند ڪيو آهي، تن کي انهن (منافقن) چيو تہ ڪن ڪمن ۾ اوهان

الۡاَمۡرِ ۚۖ وَاللّٰهُ يَعۡلَمُ اِسۡرَارَهُمۡ ﴿٢٦﴾ فَكَيۡفَ اِذَا تَوَفَّتۡهُمُ الۡمَلٰٓئِكَةُ يَضۡرِبُوۡنَ

ڳالهين ۾، هوڏانهن الله ڄاڻي ٿو سندن ڳجهيون ڳالهيون. پوءِ ڇا حال ٿيندو جڏهن ساهه ڪڍندا انهن جو ملائڪ ڌڪ هڻي

جو چيو مڃينداسون ۽ الله سندين ڳجهين ڳالهين (ڪرڻ) کي ڄاڻندو آهي. پوءِ (تڏهن سندن حال) ڪيئن ٿيندو! جڏهن ملائڪ سندن روح ڪڍندا.

وُجُوۡهَهُمۡ وَاَدۡبَارَهُمۡ ﴿٢٧﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمُ اتَّبَعُوۡا مَاۤ اَسۡخَطَ اللّٰهَ وَكَرِهُوۡا

انهن جي منهن تي ۽ انهن جي پٺين تي. اهو هن ڪري جو اهي ڪيڏانگا انکيجنهن ڪاوڙايو الله کي ۽ ناپسند ڪيائون

(جنهن مهل) سندن منهن ۽ سندن پٺيون ڪٽيندا. اها (سزا) هن ڪري آهي تہ جنهن شيءِ الله کي ڏمرايو تنهن جي پٺيان لڳا ۽ سندس رضامندي کي

رِضۡوَانَهٗ فَاَحۡبَطَ اَعۡمَالَهُمۡ ﴿٢٨﴾ ع اَمۡ حَسِبَ الَّذِيۡنَ فِىۡ قُلُوۡبِهِمۡ مَّرَضٌ ع٣

رضا ان جي پوءِ ڪيرايائين سندن عمل. ڇا پائين ٿا اهي جن جي دلين ۾ روڳ آهي

ناپسند ڪيائون، تنهن ڪري (الله) سندن عملن کي ڇٽ ڪيو. جن جي دلين ۾ بيماري (پيل) آهي، تن ڀانيو آهي ڇا تہ

اَنۡ لَّنۡ يُّخۡرِجَ اللّٰهُ اَضۡغَانَهُمۡ ﴿٢٩﴾ وَلَوۡ نَشَآءُ لَاَرَيۡنٰكَهُمۡ فَلَعَرَفۡتَهُمۡ

تہ نہ ظاهر ڪندو الله انهن جي ڪوتائن کي. ۽ جيڪڏهن گهرون ها تہ ڏيکاريون ها توکي اهي پوءِ تو ڄاتو اٿن

الله سندن (دلين جا) ساڙ ڪڏهن پڌرا نہ ڪندو؟ ۽ جيڪڏهن گهرون ها تہ اهي توکي ڏيکاريون ها. پوءِ سندن چهرن مان کين

بِسِيۡمٰهُمۡ ؕ وَلَتَعۡرِفَنَّهُمۡ فِىۡ لَحۡنِ الۡقَوۡلِ ؕ وَاللّٰهُ يَعۡلَمُ اَعۡمَالَكُمۡ ﴿٣٠﴾

سندن پارن تي، ۽ ضرور سڃاڻيندين کين غلط گفتار مان، ۽ الله ڄاڻي ٿو توهان جي عملن کي.

سڃاڻين ها ۽ ضرور کين ڳالهائڻ جي ڍنگ ۾ معلوم ڪرين ها ۽ الله اوهان جا ڪرتوت ڄاڻندو آهي.

وَلَنَبۡلُوَنَّكُمۡ حَتّٰى نَعۡلَمَ الۡمُجٰهِدِيۡنَ مِنۡكُمۡ وَالصّٰبِرِيۡنَ ۙ وَنَبۡلُوَا۟ اَخۡبَارَكُمۡ ﴿٣١﴾

۽ ضرور آزمائينداسون توهان کي جيسين ڄاڻون اسين مجاهدن توهان جن کي ۽ صبر ڪندڙن کي ۽ ظاهر ڪريون توهان جي خبرن کي.

۽ ضرور اوهان کي پرکينداسون تہ اوهان مان مجاهدن ۽ صابرن کي معلوم ڪريون ۽ اوهان جا احوال جاچيون.

اِنَّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا وَصَدُّوۡا عَنۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ وَشَآقُّوا الرَّسُوۡلَ مِنۡۢ بَعۡدِ

بيشڪ جيڪي منڪر ٿيا ۽ روڪيائون الله جي رستي کان ۽ دشمن ٿيا رسول جا هن کان پوءِ

بيشڪ جن ڪفر ڪيو ۽ (ماڻهن کي) الله جي واٽ کان جهليو ۽ کين هدايت (جي واٽ) پڌري ٿي، تنهن کان پوءِ

مَا تَبَيَّنَ لَهُمُ الْهُدٰى ۙ لَنْ يَّضُرُّوا اللّٰهَ شَيْـًٔا ؕ وَسَيُحْبِطُ اَعْمَالَهُمْ ﴿٣٢﴾

جو پڌري ٿي انهن لاءِ هدايت هرگز نہ زيان ڪندا الله جو ڪجهہ، ۽ اجهوبيڪار ڪندو سندن ڪمن کي.

پيغمبر جي مخالفت ڪيائون، سي الله جو ڪجهہ نقصان نہ ڪندا ۽ (الله) سندن عمل سگهوئي چٽ ڪندو.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ وَلَا تُبْطِلُوْۤا اَعْمَالَكُمْ ﴿٣٣﴾

اي ايمان وارو چيو وٺو الله جو ۽ چيو وٺو رسول جو ۽ نہ وڃايو پنهنجا ڪردار.

اي ايمان وارو! الله جو چيو مڃو ۽ پيغمبر جو چيو مڃو ۽ پنهنجا عمل نہ وڃايو.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ثُمَّ مَاتُوْا وَهُمْ كُفَّارٌ

اهي جن ڪفر ڪيو ۽ روڪيائون الله جي راهہ کان پوءِ مري ويا ڪفر جي حال تي

بيشڪ جن ڪفر ڪيو ۽ (ماڻهن کي) الله جي واٽ کان جهليو، وري ڪافر ٿي مئا.

فَلَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَهُمْ ﴿٣٤﴾ فَلَا تَهِنُوْا وَتَدْعُوْۤا اِلَى السَّلْمِ ۖۗ وَاَنْتُمُ الْاَعْلَوْنَ ۖۗ

تہ هرگز نہ بخشيندو الله انهن کي. پوءِ نہ گيدي ٿيو نہ سڏيو صلح ڏانهن، ۰ هو ڏانهن توهان آهيو مٿانهان

تن کي الله ڪڏهن نہ بخشيندو. پوءِ سست نہ ٿيو ۽ صلح ڏانهن نہ سڏيو ۽ اوهين (ئي) غالب آهيو ۽ الله اوهان

وَاللّٰهُ مَعَكُمْ وَلَنْ يَّتِرَكُمْ اَعْمَالَكُمْ ﴿٣٥﴾ اِنَّمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا لَعِبٌ وَّلَهْوٌ ؕ

۽ الله گڏ آهي اوهان سان ۽ اهو هرگز نہ گهٽائيندو توهان جي عملن کي. بس حياتي دنيا جي راند آهي ۽ تماشو.

سان ساڻ آهي ۽ اوهان جي عملن کي ڪڏهن ضايع نہ ڪندو. دنيا جي حياتي تہ رڳو راند ۽ تماشو آهي ۽ جيڪڏهن

وَاِنْ تُؤْمِنُوْا وَتَتَّقُوْا يُؤْتِكُمْ اُجُوْرَكُمْ وَلَا يَسْـَٔلْكُمْ اَمْوَالَكُمْ ﴿٣٦﴾

۽ جيڪڏهن ايماندار ٿيندؤ ۽ پرهيز ڪندؤ تہ ڏيندو توهانکي اجورا توهان جا ۽ نہ گهرندو توهان کان مال توهانجا

(اوهين) ايمان آڻيندؤ ۽ پرهيزگاري ڪندؤ تہ اوهان جو اُجورو اوهان کي ڏيندو ۽ اوهان کان اوهان جو (سڀ) مال نہ گهرندو.

اِنْ يَّسْـَٔلْكُمُوْهَا فَيُحْفِكُمْ تَبْخَلُوْا وَيُخْرِجْ اَضْغَانَكُمْ ﴿٣٧﴾ هٰۤاَنْتُمْ

جيڪڏهن گهري اوهان کان اهي پوءِ تنگ ڪريوَ تہ بخل ڪندؤ ۽ ظاهر ڪندو ڪوتايون توهانجون. اجهو توهان

جيڪڏهن اوهان کان (اوهان جو) مال گهري، پوءِ (گهرڻ ۾) اوهان کي تنگ ڪري تہ (اُنهيءَ وقت ضرور) بخيلي ڪندوَ ۽ اُها (بخيلي) اوهان جون

هٰۤؤُلَآءِ تُدْعَوْنَ لِتُنْفِقُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۚ فَمِنْكُمْ مَّنْ يَّبْخَلُ ۚ وَ

اهي آهيو جو سڏجي ٿو اوهان کي تہ خرچ ڪريو الله جي راهہ ۾، پوءِ توهان مان ڪو ڪنجوسي تو ڪري، ۽

بدنيتون ظاهر ڪندي. خبردار ٿجوا اوهين اهي (ماڻهو) آهيو جو اوهان کي سڏيو وڃي ٿو تہ الله جي واٽ ۾ خرچيو، پوءِ اوهان مان ڪو (تہ اهڙو) آهي، جو

مَنْ يَّبْخَلْ فَاِنَّمَا يَبْخَلُ عَنْ نَّفْسِهٖ ؕ وَاللّٰهُ الْغَنِيُّ وَاَنْتُمُ الْفُقَرَآءُ ۚ

جيڪو بخل ڪري نہ ٿو ڏئي اهو رڳو نہ ٿو ڏئي پاڻ کي، ۽ الله آسودو آهي ۽ توهان سڃا آهيو.

بخيلي ٿو ڪري ۽ جيڪو بخيلي ٿو ڪري سو رڳو پاڻ سان بخيلي ٿو ڪري ۽ الله بي پرواه آهي ۽ اوهين محتاج آهيو

وَاِنْ تَتَوَلَّوْا يَسْتَبْدِلْ قَوْمًا غَيْرَكُمْ ۙ ثُمَّ لَا يَكُوْنُوْٓا اَمْثَالَكُمْ ﴿٣٨﴾ ع

۽ جيڪڏهن ڦرندؤ تہ متائي آڻيندو ماڻهو ٻيا پوءِ اهي نہ ٿيندا توهان جهڙا.

۽ جيڪڏهن منهن موڙيندؤ تہ اوهان کان سواءِ (ٻي) ڪنهن قوم کي متائي آڻيندو پوءِ اُهي اوهان جهڙا نہ هوندا.

سُوْرَةُ الْفَتْحِ مَدَنِيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٢٩ رُكُوْعَاتُهَا ٤

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اِنَّا فَتَحْنَا لَكَ فَتْحًا مُّبِيْنًا ﴿١﴾ لِّيَغْفِرَ لَكَ اللّٰهُ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْۢبِكَ

بيشڪ اسان سوڀ ڏني سون توکي سوڀ پڌري. جيئن ڍڪي توکي الله ان کان جو اڳي ٿيو گناهہ تنهنجو

(اي پيغمبر!) بيشڪ اسان توکي پڌري فتح ڏني. (فتح جو نتيجو هيءُ آهي) تہ تنهنجا قصور جيڪي اڳي گذريا ۽ جيڪي پوئتي رهيا

وَمَا تَاَخَّرَ وَيُتِمَّ نِعْمَتَهٗ عَلَيْكَ وَيَهْدِيَكَ صِرَاطًا مُّسْتَقِيْمًا ﴿٢﴾ وَّ

۽ جو پوءِ ٿيو ۽ پوري ڪري مهرباني پنهنجي توتي ۽ هلائي توکي رستي سڌي تي. ۽

سي (سڀ) الله توکي معاف ڪري ۽ توتي پنهنجي نعمت پوري ڪري ۽ توکي سڌي واٽ ڏيکاري. ۽

يَنْصُرَكَ اللّٰهُ نَصْرًا عَزِيْزًا ﴿٣﴾ هُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ السَّكِيْنَةَ فِيْ قُلُوْبِ

جيئن مدد ڪري تنهنجي الله مدد زبردست. اِهو اُهو آهي جنهن لاٿو قرار دلين

الله زبردست سوڀ سان توکي سوڀارو ڪري. (الله) اُهو آهي، جنهن مؤمنن جي دلين ۾ سڪون نازل ڪيو

الْمُؤْمِنِيْنَ لِيَزْدَادُوْٓا اِيْمَانًا مَّعَ اِيْمَانِهِمْ ۭ وَلِلّٰهِ جُنُوْدُ السَّمٰوٰتِ

مؤمنن جي ۾ جيئن وڌن ايمان ۾ گڏ پنهنجي ايمان سان، ۽ الله لاءِ آهن لشڪر آسمانن

تہ (اُنهن جو) ايمان سندن (اڳئين) ايمان سان وڌيڪ ٿئي ۽ آسمانن ۽ زمين جا لشڪر الله جا (ئي) آهن

وَالْاَرْضِ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿٤﴾ لِّيُدْخِلَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ

۽ زمين جا، ۽ الله آهي ڄاڻندڙ دانش وارو. جيئن داخل ڪري ايمان وارن مردن ۽ عورتن کي

۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. (آرام لاهڻ جي پچاڙي هيءُ آهي) تہ مؤمنن ۽ مؤمنياڻين کي اهڙن باغن

جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا وَيُكَفِّرَ عَنْهُمْ

باغن ۾ وهن ٿيون جن جي هيٺان واهيون سدائين رهندا انهن ۾ ۽ جيئن ميساري انهن کان

۾ داخل ڪري، جن جي هيٺان نهرون پيون وهن، اتي سدائين رهندا ۽ سندن مدايون ڪاٽئن

سَيِّاٰتِهِمْ ۭ وَكَانَ ذٰلِكَ عِنْدَ اللّٰهِ فَوْزًا عَظِيْمًا ﴿٥﴾ وَّيُعَذِّبَ الْمُنٰفِقِيْنَ

برايون انهن جون، ۽ آهي اها الله وٽ ڪاميابي وڏي. ۽ جيئن عذاب ڏئي منافقن

ميٽيندو ۽ اها الله وٽ وڏي ڪاميابي آهي، ۽ (تہ) منافقن ۽ منافقياڻين کي ۽ مشرڪن

وَالْمُنٰفِقٰتِ وَالْمُشْرِكِيْنَ وَالْمُشْرِكٰتِ الظَّآنِّيْنَ بِاللّٰهِ ظَنَّ السَّوْءِ ؕ

۽ منافقاڻين کي ۽ شرڪ ڪندڙ مردن ۽ عورتن کي جو اهي گمان ڪن ٿا الله ۾ تمام بڇڙو.

۽ مشرڪياڻين کي عذاب ڪري جي الله بابت تمام بڇڙو گمان پائيندڙ آهن. شال مصيبت

عَلَيْهِمْ دَآئِرَةُ السَّوْءِ ۚ وَغَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ وَلَعَنَهُمْ وَاَعَدَّ لَهُمْ

انهن تي هجي چڪر برائي جو، ۽ ڪاوڙيو الله انهن تي ۽ لعنت وڌائين انهن تي ۽ تيار ڪيائين انهن لاءِ

مٿن هجي! ۽ مٿن الله ڏمريو ۽ کين لعنت ڪيائين ۽ انهن لاءِ دوزخ تيار ڪيائين

جَهَنَّمَ ؕ وَسَآءَتْ مَصِيْرًا ﴿٦﴾ وَلِلّٰهِ جُنُوْدُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَكَانَ

دوزخ، ۽ اها بڇڙي جاءِ آهي. ۽ الله لاءِ آهن لشڪر آسمانن ۽ زمين جا، ۽ آهي

۽ (دوزخ) بڇڙو هنڌ آهي!. ۽ آسمانن ۽ زمين جا لشڪر الله جا آهن ۽ الله غالب حڪمت

اللّٰهُ عَزِيْزًا حَكِيْمًا ﴿٧﴾ اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّمُبَشِّرًا وَّنَذِيْرًا ۙ ﴿٨﴾

الله زبردست دانش وارو. بيشڪ اسان موڪليوسون توکي خبر پڌائيندڙ ۽ بشارت ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري،

وارو آهي. بيشڪ! اسان توکي شاهدي ڏيندڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو.

لِّتُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَتُعَزِّرُوْهُ وَتُوَقِّرُوْهُ ؕ وَتُسَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّ

جيئن ايمان آڻيو الله ۽ ان جي رسول تي ۽ مدد ڪريو ان جي ۽ عزت ڪريو ان جي، ۽ سبحان الله پڙهو صبح ۽

ته (اي مومنو!) اوهين الله ۽ سندس پيغمبر تي ايمان آڻيو ۽ سندس (دين جي) مدد ڪريو ۽ سندس عزت ڪريو ۽ صبح ۽ سانجهيءَ جو الله کي

اَصِيْلًا ﴿٩﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يُبَايِعُوْنَكَ اِنَّمَا يُبَايِعُوْنَ اللّٰهَ ؕ يَدُ اللّٰهِ فَوْقَ

شام بيشڪ جيڪي ماڻهو هٿ وٺن ٿا تنهنجو اهي رڳو بيعت ڪن ٿا الله سان، هٿ الله جو مٿان

پاڪائيءَ سان ساراهيو. بيشڪ! جيڪي توسان بيعت ڪندا آهن، سي الله ئي جي بيعت ڪندا آهن. سندن هٿن مٿان الله جو هٿ آهي.

اَيْدِيْهِمْ ۚ فَمَنْ نَّكَثَ فَاِنَّمَا يَنْكُثُ عَلٰى نَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ اَوْفٰى بِمَا

هٿن انهن جي آهي، پوءِ جنهن ڀڳو بيعت کي اهو رڳو ڀڃي ٿو پنهنجي سِرَ تي، ۽ جنهن وفا ڪئي جنهن

پوءِ جيڪو (انجام) ڀڃندو سو رڳو پنهنجي جيءَ (جي جوکي) لاءِ ٿو ڀڃي ۽ جنهن (ڳالهه) تي الله سان انجام ڪيو اٿس،

عٰهَدَ عَلَيْهُ اللّٰهَ فَسَيُؤْتِيْهِ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿١٠﴾ ع سَيَقُوْلُ لَكَ الْمُخَلَّفُوْنَ

تي وعدو ڪيائين الله سان پوءِ اجهو اهو ڏيندو ان کي انعام وڏو. اجهو چوندا توکي پوئتي رهيل

تنهن کي جيڪو پورو ڪندو پوءِ سگهو تنهن کي (الله) وڏو اجر ڏيندو. (اي پيغمبر!) بدوين مان پوئتي رهيل توکي چوندا ته

مِنَ الْاَعْرَابِ شَغَلَتْنَآ اَمْوَالُنَا وَاَهْلُوْنَا فَاسْتَغْفِرْ لَنَا ۚ يَقُوْلُوْنَ

واهڻي ته رڇهايو اسان کي اسانجي ملڪيتن ۽ اسان جي گهر وارن پوءِ تون گناهه بخشاءِ اسانجو. اهي چون ٿا

اسان کي پنهنجن مالن ۽ پنهنجن گهر جي ڀاتين رڇهايو تنهن ڪري اسان لاءِ بخشش گهرا پنهنجن زبانن سان اها (ڳالهه) چوندا

بِاَلْسِنَتِهِمْ مَّا لَيْسَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ ؕ قُلْ فَمَنْ يَّمْلِكُ لَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ

پنهنجن زبانن سان جو ناهي سندن دلين ۾. چؤ پوءِ ڪير مالڪ ٿيندو اوهان لاءِ الله وٽ

جا سندن دلين ۾ نہ آهي، ڪين چئو تہ جيڪڏهن (الله) اوهان کي ڏک پهچائڻ جو ارادو ڪري يا اوهان کي سک پهچائڻ جو ارادو ڪري

شَيْـًٔا اِنْ اَرَادَ بِكُمْ ضَرًّا اَوْ اَرَادَ بِكُمْ نَفْعًا ؕ بَلْ كَانَ اللّٰهُ بِمَا

ڪنهن شيءِ جو جيڪڏهن گهري توهانجو نقصان يا چاهي توهان جو فائدو. پر آهي الله توهان

تہ الله جي سامهون اوهان لاءِ ڪير ڪجهہ ڪري سگهي ٿو؟ بلڪ جيڪي ڪندا آهيو، تنهن جي الله

تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ﴿۱۱﴾ بَلْ ظَنَنْتُمْ اَنْ لَّنْ يَّنْقَلِبَ الرَّسُوْلُ وَالْمُؤْمِنُوْنَ

جي عملن جي خبر رکندڙ. پر توهان ڀانيو تہ هرگز نہ واپس ٿيندو رسول ۽ مسلمان

خبر رکندڙ آهي. (نہ) بلڪ ڀانيو تہ پيغمبر ۽ مومن پنهنجن گهروارن ڏانهن اصلي ڪڏهن نہ موٽندا

اِلٰٓى اَهْلِيْهِمْ اَبَدًا وَّزُيِّنَ ذٰلِكَ فِيْ قُلُوْبِكُمْ وَظَنَنْتُمْ ظَنَّ السَّوْءِ ۚۖ

طرف گهرن پنهنجي ڪڏهين بہ ۽ سينگاريو ويو اهو توهان جي دلين ۾ ۽ توهان گمان ڪيو هئو تمام بڇڙو.

۽ اهو (گمان) اوهان جي دلين ۾ چڱو (ڪري) ڏيکاريو ويو ۽ (تمام) بڇڙو گمان ڀانيو

وَكُنْتُمْ قَوْمًا بُوْرًا ﴿۱۲﴾ وَمَنْ لَّمْ يُؤْمِنْ بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ فَاِنَّآ اَعْتَدْنَا

۽ توهان آهيو قوم برباد. ۽ جنهن نہ يقين ڪيو الله ۽ ان جي رسول تي پوءِ اسان تيار ڪئي آهي

۽ (اوهين) هلاڪ ٿيل قوم ٿيو. ۽ جنهن الله ۽ سندس پيغمبر تي ايمان نہ آندو تہ بيشڪ اسان انهن ڪافرن

لِلْكٰفِرِيْنَ سَعِيْرًا ﴿۱۳﴾ وَلِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ يَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ

ڪافرن لاءِ ٻرندڙ باهہ. ۽ الله لاءِ آهي بادشاهي آسمانن ۽ زمين جي، معاف ڪري ٿو جنهن کي چاهي

لاءِ ٻرندڙ باهہ تيار ڪئي آهي. ۽ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي خاص الله جي آهي، جنهن کي وڻيس تنهن کي بخشي

وَيُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۱۴﴾ سَيَقُوْلُ الْمُخَلَّفُوْنَ

۽ عذاب ڏئي ٿو جنهن کي چاهي، ۽ آهي الله بخشڻهار مهربان. اجهو چوندا پوئتي رهيل

۽ جنهن کي وڻيس تنهن کي عذاب ڪري ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي. جڏهن غنيمتن جي هٿ ڪرڻ لاءِ ويندؤ

اِذَا انْطَلَقْتُمْ اِلٰى مَغَانِمَ لِتَاْخُذُوْهَا ذَرُوْنَا نَتَّبِعْكُمْ ۚ يُرِيْدُوْنَ

جڏهن توهان ويندؤ مال غنيمت ڏانهن جيئن هٿ ڪريو ان کي تہ اسان کي ڇڏيو تہ اسان توهان سان هلون. اهي گهرن ٿا

تڏهن پوئتي رهيل چوندا تہ اسان کي ڇڏيو تہ اوهان سان هلون. گهرندا آهن تہ الله جي وعدي

اَنْ يُّبَدِّلُوْا كَلٰمَ اللّٰهِ ؕ قُلْ لَّنْ تَتَّبِعُوْنَا كَذٰلِكُمْ قَالَ اللّٰهُ مِنْ قَبْلُ ۚ

بدلائڻ الله جي ڪلام کي. چئو هرگز نہ هلندؤ اسان سان. ائين فرمايو آهي الله اڳي ئي.

جي مخالفت ڪن. ڪين چئو تہ اسان سان ڪڏهن نہ هلندؤ اهڙيءَ طرح الله اڳي ئي فرمائي ڇڏيو آهي.

فَسَيَقُوْلُوْنَ بَلْ تَحْسُدُوْنَنَا ؕ بَلْ كَانُوْا لَا يَفْقَهُوْنَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿١٥﴾

پوءِ جلدي اهي چوندا نه پر اوهان ساڙ ڪريو ٿا اسان سان، پر اهي نه سمجهندا هئا مگر ٿورو.

پوءِ سگهو چوندا ته (ائين نه آهي) بلڪ اوهين اسان سان حسد ٿا ڪريو. بلڪ (هميشه) ٿورڙي ڪان سواءِ (ڪجهه به) نه سمجهندا هئا.

قُلْ لِّلْمُخَلَّفِيْنَ مِنَ الْاَعْرَابِ سَتُدْعَوْنَ اِلٰى قَوْمٍ اُولِيْ بَاْسٍ شَدِيْدٍ

تون چؤ پوئتي رهيل بدوين کي اجهو سڏيا ويندؤ قوم سخت طاقتور ڏانهن

(اي پيغمبر!) پوئتي رهيلن بدوين کي چئو ته سخت ويڙهه واريءَ قوم (جي جنگ) ڏانهن (اوهين) سگهو سڏيا ويندو

تُقَاتِلُوْنَهُمْ اَوْ يُسْلِمُوْنَ ۚ فَاِنْ تُطِيْعُوْا يُؤْتِكُمُ اللّٰهُ اَجْرًا

توهان وڙهندؤ انهن سان يا اهي مسلمان ٿين، پوءِ جيڪڏهن توهان چوڻ ولندؤ ته ڏيندو توهان کي الله بدلو

جو ساڻن ويڙهه ڪندو يا ته (اهي) مسلمان ٿيندا. پوءِ جيڪڏهن چيو مڃيندو ته الله اوهان کي چڱو اجر ڏيندو

حَسَنًا ۚ وَاِنْ تَتَوَلَّوْا كَمَا تَوَلَّيْتُمْ مِّنْ قَبْلُ يُعَذِّبْكُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿١٦﴾

ڀلو، ۽ جيڪڏهن پٺي ڏيندؤ جيئن پٺي ڏني اٿوَ اڳ ۾ ته عذاب ڪندو توهان کي عذاب دردناڪ.

۽ جيڪڏهن (ائين) ڦرندو جيئن (اوهين هن ڪان) اڳ ڦريا هيو ته (الله) اوهان کي ڏکوئيندڙ عذاب جي سزا ڏيندو.

لَيْسَ عَلَى الْاَعْمٰى حَرَجٌ وَّلَا عَلَى الْاَعْرَجِ حَرَجٌ وَّلَا عَلَى الْمَرِيْضِ

نه آهي انڌي تي ڪوبار ۽ نڪي منڊي تي ڪوبار ۽ نڪي بيمار تي

(اهڙي جهاد ڪان رهڻ ۾) نڪي انڌي تي ڪو گناهه آهي ۽ نڪي منڊي تي ڪو گناهه آهي ۽ نڪي بيمار تي ڪو گناهه آهي

حَرَجٌ ؕ وَمَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ يُدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا

ڪوبار، ۽ جيڪو چيو ڪندو الله ۽ ان جي رسول جو ته داخل ڪندس باغن ۾ وهن ٿيون جن جي هيٺان

۽ جيڪو الله ۽ سندس پيغمبر جو چيو مڃيندو تنهن کي (الله اهڙن) باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون پيون وهن

الْاَنْهٰرُ ۚ وَمَنْ يَّتَوَلَّ يُعَذِّبْهُ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿١٧﴾ ع لَقَدْ رَضِيَ اللّٰهُ عَنِ

واهيون، ۽ جيڪو ڦرندو ته عذاب ڪندس عذاب دردناڪ. بيشڪ خوش ٿيو الله ايمان

۽ جيڪو ڦرندو تنهن کي ڏکوئيندڙ عذاب جي سزا ڏيندو. بيشڪ، الله مؤمنن ڪان (انهيءَ وقت) راضي ٿيو.

الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ يُبَايِعُوْنَكَ تَحْتَ الشَّجَرَةِ فَعَلِمَ مَا فِيْ قُلُوْبِهِمْ

وارن ڪان جڏهن بيعت ڪن پيا توسان وڻ هيٺان پوءِ ڄاتائين جيڪي انهن جي دلين ۾ هئو

جنهن وقت وڻ هيٺ توسان بيعت ٿي ڪيائون، پوءِ جيڪي سندين دلين ۾ هو سو ڄاتائين. پوءِ

فَاَنْزَلَ السَّكِيْنَةَ عَلَيْهِمْ وَاَثَابَهُمْ فَتْحًا قَرِيْبًا ﴿١٨﴾ لا وَّمَغَانِمَ كَثِيْرَةً

پوءِ نازل ڪيائين قرار انهن تي ۽ عطا ڪيائين انهنکي سوڀ ويجهي، ۽ غنيمتون گهڻيون

مٿن (دل جو) سڪون لاٿائين ۽ کين هڪ ويجهي سوڀ انعام ڏنائين. ۽ گهڻيون غنيمتون (به).

النصف ع ٢

يَّاْخُذُوْنَهَا ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَزِيْزًا حَكِيْمًا ⑲ وَعَدَكُمُ اللّٰهُ مَغَانِمَ كَثِيْرَةً

جنکي حاصل کندا، ۽ آهي الله زبردست دانش وارو. ۽ انجام کيو توهان سان الله غنيمتن گهڻين جو

جو انهن کي (اهي) هٿ آڻيندا ۽ الله غالب حڪمت وارو آهي. الله اوهان کي گهڻين غنيمتن جو وعدو ڏنو آهي،

تَاْخُذُوْنَهَا فَعَجَّلَ لَكُمْ هٰذِهٖ وَكَفَّ اَيْدِيَ النَّاسِ عَنْكُمْ ۚ وَلِتَكُوْنَ

وصول ڪندؤ انهن کي پوءِ جلدي ڏنائين توهان کي هي ۽ جهلياءِين هٿ ماڻهن جا توهان کان، ۽ جيئن ته هجي اها

جن کي (اوهين) هٿ آڻيندؤ پوءِ (هينئر) هيءُ (خيبر جون غنيمتون) اوهان کي جلد عطا ڪيائين ۽ اوهان کان ماڻهن جا هٿ جهلي ڇڏيائين ۽ (اهو) هن لاءِ

اٰيَةً لِّلْمُؤْمِنِيْنَ وَيَهْدِيَكُمْ صِرَاطًا مُّسْتَقِيْمًا ⑳ وَّاُخْرٰى لَمْ تَقْدِرُوْا

نشاني مسلمانن لاءِ ۽ هلائي توهان کي رستي سڌي تي. ۽ ٻي فتح به جو قادر نه ٿيا آهيو

ته مومنن لاءِ اها هڪ (قدرت جي) نشاني هجي ۽ اوهان کي (الله) سڌو رستو ڏيکاري. ۽ ٻيون (غنيمتون به) جن تي

عَلَيْهَا قَدْ اَحَاطَ اللّٰهُ بِهَا ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرًا ㉑

انهيءَ تي هوڏانهن گهيرو ڪيو آهي الله ان تي، ۽ آهي الله هر شيءِ تي سگهه رکندڙ.

قادر نه ٿيا آهيو، بيشڪ الله کي انهن جي خبر آهي، ۽ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي.

وَلَوْ قٰتَلَكُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوَلَّوُا الْاَدْبَارَ ثُمَّ لَا يَجِدُوْنَ وَلِيًّا وَّ

۽ جيڪڏهن لڙائي ڪن ها توهان سان ڪافر ته پٺي ڏئي ڀڄن ها پوءِ نه لهن ها ڪو دوست ۽

۽ جيڪڏهن ڪافر اوهان سان جنگ ڪن ها ته ضرور (پنهنجون) پٺيون ڦيرائين ها، وري نه ڪو دوست ۽ نه ڪو مددگار

لَا نَصِيْرًا ㉒ سُنَّةَ اللّٰهِ الَّتِيْ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلُ ۚ ۖ وَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّةِ

نڪي مددگار. اهو طريقو الله جو آهي جو هليو آيو آهي اڳي کان، ۽ هرگز نه لهندين طريقي

لهن ها. الله جو قانون (ائين آهي) جو (هن کان) اڳ هليو ايندو آهي ۽ الله جي دستور کي ڪڏهن ڪا ڦيرقار نه ڏسندين.

اللّٰهِ تَبْدِيْلًا ㉓ وَهُوَ الَّذِيْ كَفَّ اَيْدِيَهُمْ عَنْكُمْ وَاَيْدِيَكُمْ عَنْهُمْ

الله جي ۾ ڪا ڦيرگهير. ۽ اهو اهو آهي جنهن جهليو انهن جي هٿن کي توهان کان ۽ توهان جي هٿن کي انهن کان

۽ (الله) اهو آهي جنهن ڪافرن جا هٿ اوهان کان ۽ اوهان جا هٿ انهن کان، مڪي جي وچ ۾،

بِبَطْنِ مَكَّةَ مِنْۢ بَعْدِ اَنْ اَظْفَرَكُمْ عَلَيْهِمْ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِمَا

واديءَ مڪي ۾ هن کان پوءِ جو غالب ڪيائين توهان کي انهن تي، ۽ آهي الله توهان

اوهان کي مٿن سوڀاري ڪرڻ کان پوءِ، روڪيا ۽ جيڪي ڪندا آهيو، تنهن کي الله ڏسندڙ آهي.

تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرًا ㉔ هُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْكُمْ عَنِ الْمَسْجِدِ

جي عملن کي ڏسندڙ. اهي اُهي ئي آهن جن ڪفر ڪيو ۽ روڪيائون توهان کي مسجد

اهي (قريش) اهي آهن، جن ڪفر ڪيو ۽ اوهان کي مسجد حرام کان جهليو ۽ قربانيءَ کي

الْحَرَامِ وَالْهَدْيَ مَعْكُوفًا اَنْ يَّبْلُغَ مَحِلَّهٗ ؕ وَلَوْلَا رِجَالٌ مُّؤْمِنُوْنَ

عزت واري کان ۽ قرباني کي جارو کيل هئي جو پهچي پنهنجي جاءِ تي، ۽ جي نه هجن ها اتي مرد مؤمن

۽ (جهلي ڇڏيائون) جو پنهنجيءَ جاءِ تي پهچڻ کان روڪيل رهي ۽ جيڪڏهن (اهڙا کي) مڙس مومن

وَنِسَآءٌ مُّؤْمِنٰتٌ لَّمْ تَعْلَمُوْهُمْ اَنْ تَطَـُٔوْهُمْ فَتُصِيْبَكُمْ مِّنْهُمْ

۽ عورتون مؤمنياڻيون جنکي توهان نه پيا ڄاڻو جو لتاڙي ماريو ها انهن کي پوءِ پهچي ها توهانکي انهن جي ڪري

۽ (کي) ڙالون مومنياڻيون (مکي ۾) نه هجن ها، جن کي اوهان نه ڄاڻندا آهيو (انهيءَ خيال کري) ته (متان) کين لتاڙي ڇڏيو پوءِ بي خبريءَ ۾

مَّعَرَّةٌۢ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۚ لِيُدْخِلَ اللّٰهُ فِيْ رَحْمَتِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ۚ لَوْ تَزَيَّلُوْا

صدمو بي خبري سبب، (پر بچاءُ ٿيو) جيئن ته داخل ڪري الله پنهنجي رحمت ۾ جنهنکي گهري. جيڪڏهن اهي الڳ هجن ها

انهن جو اوهان کي گناه پهچي (ته هاڻي ئي فتح ٿئي ها) (پر دير هن ڪري آهي) ته الله جنهن کي گهري (تنهن کي) پنهنجيءَ ٻاجهه ۾ داخل ڪري،

لَعَذَّبْنَا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ٢٥ اِذْ جَعَلَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

ته عذاب ڪريون ها انهن مان ڪافرن کي عذاب دردناڪ. (يادڪر) جيڪڏهن ڪئي ڪافرن

جيڪڏهن (ٻئي ٽوليون) ڌار هجن ها ته ضرور مکي وارن مان ڪافرن کي ڏکائيندڙ عذاب (جي) سزا ڏيون ها! جڏهن ڪافرن پنهنجين دلين ۾

فِيْ قُلُوْبِهِمُ الْحَمِيَّةَ حَمِيَّةَ الْجَاهِلِيَّةِ فَاَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ عَلٰى

پنهنجي دلين ۾ هوڏ، هوڏ جاهليت واري پوءِ نازل ڪيو الله قرار پنهنجي

جاهليت جو جوش پيدا ڪيو، تڏهن الله پنهنجي پيغمبر تي ۽ مومنن تي پنهنجو آرام نازل ڪيو

رَسُوْلِهٖ وَعَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَاَلْزَمَهُمْ كَلِمَةَ التَّقْوٰى وَكَانُوْٓا اَحَقَّ

پيغمبر تي ۽ مسلمانن تي ۽ کين ثابت رکيائين ڪلمه توحيد تي ۽ هئا اهي حقدار

۽ کين پرهيزگاريءَ جي ڳالهه تي قائم رکيائين ۽ (اهي) اِن جا وڌيڪ حقدار ۽ ان جا لائق هئا

بِهَا وَاَهْلَهَا ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمًا ٢٦ ع لَقَدْ صَدَقَ اللّٰهُ ع

انهيءَ جا ۽ لائق ان جا، ۽ آهي الله هر شيءِ جو علم رکندڙ. بيشڪ سچو ڪيو الله

۽ الله سڀڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي، بيشڪ، الله پنهنجي پيغمبر کي هر طرح جو، واقعي موافق خواب

رَسُوْلَهُ الرُّءْيَا بِالْحَقِّ ۚ لَتَدْخُلُنَّ الْمَسْجِدَ الْحَرَامَ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ

پنهنجي پيغمبر جي خواب کي حق سان ته ضرور توهان داخل ٿيندؤ مسجد حرام ۾ انشاءَ الله

سچو ڏيکاريو ته جيڪڏهن الله گهريو ته پنهنجا مٿا ڪوڙائي ۽ وار ڪترائي مسجد حرام

اٰمِنِيْنَ ۙ مُحَلِّقِيْنَ رُءُوْسَكُمْ وَمُقَصِّرِيْنَ ۙ لَا تَخَافُوْنَ ؕ فَعَلِمَ مَا لَمْ

بنا خطري ڪوڙائيندڙ مٿا پنهنجا يا ڪترائيندڙ، نه ڊڄندؤ ڪنهن کان، پوءِ الله ڄاتو جيڪي توهان

۾ بي پروا ٿي ضرور گهڙندؤ ۽ نه ڊڄندؤ پوءِ (اوهان) جيڪي نه ڄاڻندا آهيو، سو الله ڄاتو،

تَعْلَمُوْا فَجَعَلَ مِنْ دُوْنِ ذٰلِكَ فَتْحًا قَرِیْبًا ﴿٢٧﴾ هُوَ الَّذِیْٓ اَرْسَلَ رَسُوْلَهٗ

نہ ڄاتو پوءِ ڪيائين ان جي پليان سوڀ ويجهي. اهوئي آهي جنهن موڪليو پنهنجي رسول کي

تنهن ڪري اِن (مڪي جي فتح) کان اڳ (خيبر جي) فتح (الله) ويجهي مقرر ڪئي. (الله) اهو آهي، جنهن پنهنجي پيغمبر

بِالْهُدٰى وَدِیْنِ الْحَقِّ لِیُظْهِرَهٗ عَلَى الدِّیْنِ كُلِّهٖ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِیْدًا ﴿٢٨﴾ ؕ

هدايت سان ۽ دين سچي سان جيئن غالب ڪري انهيءَ کي سيني دينن تي ۽ الله شاهد ڪافي آهي.

کي هدايت ۽ سچي دين سان موڪليو ته ان کي (بين) سيني دينن تي غالب ڪري ۽ الله (حق) ظاهر ڪندڙ ڪافي آهي.

مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ؕ وَالَّذِیْنَ مَعَهٗۤ اَشِدَّآءُ عَلَى الْكُفَّارِ رُحَمَآءُ

محمد رسول الله جو آهي ۽ جيڪي ان سان گڏ آهن اهي ڏاڍا آهن ڪافرن تي پاڇهارا آهن

محمد (ﷺ) الله جو موڪليل آهي، ۽ جيڪي سندس گڏ آهن، سي ڪافرن تي ڏاڍا سخت آهن (۽) پاڻ ۾ (هڪ ٻئي تي وڏيڪ) مهربان آهن.

بَیْنَهُمْ تَرٰىهُمْ رُكَّعًا سُجَّدًا یَّبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ وَ

پاڻ ۾ تون ڏسندين انهنکي رڪوع ڪندڙ سجدو ڪندڙ گهرن ٿا مهرباني الله جي ۽

(اي ڏسندڙ!) ڪين رڪوع ڪندڙ (۽) سجدو ڪندڙ ڏسندو آهين. الله جو فضل ۽ رضامندي طلبيندا آهن.

رِضْوَانًا ؗ سِیْمَاهُمْ فِیْ وُجُوْهِهِمْ مِّنْ اَثَرِ السُّجُوْدِ ؕ ذٰلِكَ مَثَلُهُمْ

رضا انهن جي نشاني انهن جي چهرن ۾ آهي سجدن جي اثر کان. اها انهن جي ڳالهه

سندن (نيڪ بختيءَ جي) نشاني سندن منهن ۾ سجدي جي اثر کان (پڌري) آهي. اِهو (جيڪي بيان ڪيو ويو سو) سندن (حال جو) قصو

فِی التَّوْرٰىةِ ۛۚ وَمَثَلُهُمْ فِی الْاِنْجِیْلِ ۛ۫ كَزَرْعٍ اَخْرَجَ شَطْـَٔهٗ

تورات ۾ آهي ۽ انهن جي ڳالهه انجيل ۾ آهي. جيئن ڪا پوک ڪڍي پنهنجو سلو

توريت ۾ (بيان ٿيل) آهي ۽ سندن مثال (جو قصو) انجيل ۾ (به بيان ٿيل آهي ته اِهي) اُنهيءَ پوک وانگر آهن جنهن پنهنجو (سائو) سلو ڪڍيو.

فَاٰزَرَهٗ فَاسْتَغْلَظَ فَاسْتَوٰى عَلٰى سُوْقِهٖ یُعْجِبُ الزُّرَّاعَ

پوءِ سگهو ڪريائن کي پوءِ ٿلهو ٿئي پوءِ سڌو بيهي تيلي پنهنجي تي اهو وڻي ٿو ڪڙمي کي

پوءِ ان (سلي) کي مضبوط ڪيائين، پوءِ ٿلهو ٿيو پوءِ پنهنجن ڏانڊين تي (سڌو) بيٺو جو ڪڙمين کي پيو وڻي

لِیَغِیْظَ بِهِمُ الْكُفَّارَ ؕ وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا

جيئن ساڙي دل انهن سان ڪافرن جي وعدو ڪيو الله جن ايمان آندو

(اسلامي غلبي جو به آخر اهڙو حال آهي). ته (الله) ڪافرن کي اِنهن (مومنن جي ڏسڻ) ڪري ڪاوڙائي. جن ايمان آندو آهي

وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ مِنْهُمْ مَّغْفِرَةً وَّاَجْرًا عَظِیْمًا ﴿٢٩﴾ ع

۽ ڪيا ڪم ڀلا انهن سان بخشش جو ۽ اجر عظيم جو.

۽ منجهانئن (جن) چڱا ڪم ڪيا (تن مڙني کي) بخشش ۽ وڏي اجر جو الله انجام ڏنو آهي.

معانقة ١٥ عند الشافعية

ع ٤

سُوْرَةُ الْحُجُرٰتِ مَدَنِيَّةٌ ‏ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○ ‏ اٰيَاتُهَا ۱۸ ‏ رُكُوْعَاتُهَا ۲

شروع الله ٻاجھاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجھاري مهربان جي نالي سان (شروع)

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيِ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَاتَّقُوا

اي ايمان وارؤ! نہ اڳرائي ڪريو سامهون الله ۽ سندس رسول جي ۽ ڊڄو

اي ايمان وارؤ! (اوهين) الله ۽ سندس پيغمبر جي آڏو (ڪنهن ڳالهہ ۾) اڳرائي نہ ڪريو ۽ الله کان ڊڄو،

اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ① يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَرْفَعُوْۤا اَصْوَاتَكُمْ

الله کان، بيشڪ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. اي ايمان وارؤ! نہ بلند ڪريو آواز پنهنجا

ڇو تہ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. اي ايمان وارؤ! پنهنجا آواز پيغمبر جي آواز کان مٿي نہ ڪريو

فَوْقَ صَوْتِ النَّبِيِّ وَلَا تَجْهَرُوْا لَهٗ بِالْقَوْلِ كَجَهْرِ بَعْضِكُمْ لِبَعْضٍ

مٿي آواز نبي جي کان ۽ نڪي ڏاڍيان ڪريو ان سان گفتگو جيئن ڏاڍيان ڳالهائيندا آهيو هڪ ٻئي ۾

۽ جيئن اوهان جو هڪ ٻئي سان وڏي سڏ ڳالهائڻ آهي (تيئن) ساڻس ڳالهہ ڏاڍيان نہ ڳالهايو

اَنْ تَحْبَطَ اَعْمَالُكُمْ وَاَنْتُمْ لَا تَشْعُرُوْنَ ② اِنَّ الَّذِيْنَ يَغُضُّوْنَ

متان ڇٽ ٿي وڃن عمل توهان جا ۽ توهان نہ ڄاڻو. بيشڪ جيڪي جهڪو ٿا ڪن

جو متان اوهان جا عمل ڇٽ ٿي وڃن ۽ اوهين نہ ڄاڻندا هجو. بيشڪ جيڪي پنهنجن آوازن کي

اَصْوَاتَهُمْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ امْتَحَنَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ

آوازن پنهنجن کي رسول الله وٽ اِهي اُهي آهن جو آزمايو الله انهن جي دلين کي

الله جي پيغمبر جي آڏو جهڪو ڪندا آهن، اِهي اُهي آهن جن جي دلين کي الله پرهيزگاريءَ (جي پڌري ڪرڻ)

لِلتَّقْوٰى ؕ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ عَظِيْمٌ ③ اِنَّ الَّذِيْنَ يُنَادُوْنَكَ مِنْ

ادب ۾، انهن لاءِ بخشش آهي ۽ اجر وڏو. بيشڪ جيڪي سڏين ٿا توکي

لاءِ آزمايو آهي، انهن لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر آهي. بيشڪ جيڪي حُجرن جي ٻاهران توکي سڏيندا آهن،

وَّرَآءِ الْحُجُرٰتِ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ ④ وَلَوْ اَنَّهُمْ صَبَرُوْا حَتّٰى

حجرن جي ٻاهران گهڻا انهن مان سمجهہ نہ ٿا رکن. ۽ جيڪر اهي صبر ڪن ها جيسين

تن مان گهڻا بي سمجهہ آهن. ۽ جيڪڏهن اهي (ايستائين) صبر ڪن ها جيستائين

تَخْرُجَ اِلَيْهِمْ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ⑤ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ

تون نڪري اچين انهن ڏانهن تہ اهو ڀلو هيو انهن لاءِ، ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي. اي

انهن ڏانهن ٻاهر اچين، تہ انهن لاءِ ڀلو هجي ها، ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي. اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن ڪو

اٰمَنُوْٓا اِنْ جَآءَكُمْ فَاسِقٌۢ بِنَبَاٍ فَتَبَيَّنُوْٓا اَنْ تُصِيْبُوْا قَوْمًاۢ بِجَهَالَةٍ

ايمان وارؤ جيڪڏهن آڻي توهان وٽ ڪو فاسق ڪا خبر پوءِ جاچ ڪريو متان تڪليف ڏيو ڪن ماڻهن کي اڻ ڄاڻائيءِ سان

بدڪار ڪا خبر اوهان وٽ آڻي ته جاچ ڪريو جو (متان) ڪنهن قوم کي بي خبريءِ سان نقصان پهچايو.

فَتُصْبِحُوْا عَلٰى مَا فَعَلْتُمْ نٰدِمِيْنَ ۞٦ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ فِيْكُمْ رَسُوْلَ

پوءِ ٿي پئو پنهنجي ڪئي تي پشيمان. ۽ ڄاڻو ته بيشڪ توهان ۾ الله جو رسول

پوءِ جيڪي اوهان ڪري چڪو، تنهن تي پشيمان ٿيو. ۽ ڄاڻو ته اوهان ۾ الله جو پيغمبر آهي،

اللّٰهِ ؕ لَوْ يُطِيْعُكُمْ فِيْ كَثِيْرٍ مِّنَ الْاَمْرِ لَعَنِتُّمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ حَبَّبَ اِلَيْكُمُ

آهي، جيڪڏهن چيو مڃي توهان جو گهڻين ڳالهين ۾ ته ڏکيا ٿيندؤ توهان پر الله محبت ڏني توهان کي

جيڪڏهن گهڻن ڪمن ۾ هو اوهان جو چيو مڃيندو ته (اوهين) ڏکيا ٿيندؤ پر الله اوهان وٽ ايمان کي پيارو ڪرايو

الْاِيْمَانَ وَزَيَّنَهٗ فِيْ قُلُوْبِكُمْ وَكَرَّهَ اِلَيْكُمُ الْكُفْرَ وَالْفُسُوْقَ وَ

ايمان جي ۽ سينگاريائين ان کي توهان جي دلين ۾ ۽ بڇان ڏنائين توهان کي ڪفر کان ۽ گناهن کان ۽

۽ اوهان جي دلين ۾ ان کي سينگاريائين ۽ اوهان وٽ ڪفر ۽ بي ديني ۽ گناهه کي ناپسند ڪرايائين.

الْعِصْيَانَ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الرّٰشِدُوْنَ ۞٧ فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ وَنِعْمَةً ؕ

بي فرمانيءِ کان، اهي ئي آهن چڱي چال وارا. مهرباني ٿي الله جي ۽ احسان،

اِهي ئي سڌي رستي وارا آهن. الله جي فضل ۽ احسان سان ۽ الله ڄاڻندڙ

وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ۞٨ وَاِنْ طَآئِفَتٰنِ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ اقْتَتَلُوْا

۽ الله علم رکندڙ حڪمت وارو آهي، ۽ جيڪڏهن ٻه ڌريون مسلمانن جون وڙهي پون

حڪمت وارو آهي. ۽ جيڪڏهن مومنن جون ٻه ٽوليون پاڻ ۾ وڙهن ته سندن وچ ۾ پرچاءُ ڪريو.

فَاَصْلِحُوْا بَيْنَهُمَا ۚ فَاِنْۢ بَغَتْ اِحْدٰىهُمَا عَلَى الْاُخْرٰى فَقَاتِلُوا الَّتِيْ

ته ٺاهه ڪرايو انهن جي وچ ۾، پوءِ جيڪڏهن زياتي ڪري انهن مان هڪڙي ڌر ٻيءِ تي پوءِ توهان لڙو انهيءِ سان جا

پوءِ جيڪڏهن (انهن) ٻنهي مان هڪڙي (ٽولي) ٻيءِ تي زيادتي ڪري ته جيڪا (ٽولي) زيادتي ڪري ٿي، تنهن سان (اوهين ايستائين) وڙهو

تَبْغِيْ حَتّٰى تَفِيْٓءَ اِلٰٓى اَمْرِ اللّٰهِ ۚ فَاِنْ فَآءَتْ فَاَصْلِحُوْا بَيْنَهُمَا

زيادتي ڪري ٿي ايستائين جو موٽي اچي الله جي حڪم ڏانهن، پوءِ جيڪڏهن موٽي اچي ته پوءِ ٺاهه ڪرايو ٻنهي جي وچ ۾

جيستائين الله جي حڪم ڏانهن موٽي اچي، پوءِ جيڪڏهن موٽي آئي ته سندن وچ ۾ انصاف سان پرچاءُ ڪريو

بِالْعَدْلِ وَاَقْسِطُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِيْنَ ۞٩ اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ

برابريءَ سان ۽ انصاف ڪريو، بيشڪ الله محبت رکي ٿو انصاف ڪندڙن سان. رڳو مسلمان

۽ انصاف سان هلو، جو ته الله انصاف وارن کي پيارو رکندو آهي. مومن (حقيقت ڪري هڪ ٻئي جا)

إِخْوَةٌ فَأَصْلِحُوا بَيْنَ أَخَوَيْكُمْ ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُونَ ⑩ ع

ڀائر آهن پوءِ صلح ڪرايو پنهجي ڀائرن جي وچ ۾، ۽ ڊڄو الله کان ته ڀلي توهان تي رحم ڪيو وڃي.

ڀائر آهن، تنهن ڪري پنهنجن ٻنهي ڀائرن جي وچ ۾ پرچاءُ ڪريو ۽ الله کان ڊڄو ته مَن اوهان تي ٻاجهه ڪئي وڃي.

يٰٓأَيُّهَا الَّذِينَ اٰمَنُوا لَا يَسْخَرْ قَوْمٌ مِّنْ قَوْمٍ عَسٰٓى أَنْ يَّكُونُوا خَيْرًا

اي ايمان وارؤ! نه ٺٺوليون ڪري ڪائي قوم ڪنهن قوم تي شايد اهي هجن ڀلا

اي ايمان وارؤ! ڪا ٽولي ڪنهن ٽوليءَ تي ٺٺولي نه ڪري، جو متان (اهي حقيقت ڪري) ڪانئن ڀلا هجن

مِّنْهُمْ وَلَا نِسَآءٌ مِّنْ نِّسَآءٍ عَسٰٓى أَنْ يَّكُنَّ خَيْرًا مِّنْهُنَّ ۚ وَلَا

انهن کان ۽ نڪي عورتون ٻين عورتن تي شايد اهي هجن ڀليون انهن کان، ۽ نه

۽ نه زالون ٻين زالن سان (ٺٺوليون ڪن) جو متان اهي ڪانئن ڀليون هجن ۽ نه ڪي پاڻ ۾ (هڪ ٻئي کي)

تَلْمِزُوٓا أَنْفُسَكُمْ وَلَا تَنَابَزُوا بِالْأَلْقَابِ ۖ بِئْسَ الِاسْمُ الْفُسُوقُ

عيب ڪيو هڪٻئي جا ۽ نه لايو هڪٻئي کي بڇڙا لقب، برو ڪوٺڻ برائي آهي

عيب لايو ۽ نه ڪي هڪ ٻئي کي بڇڙن لقبن سان سڏيو (جو) ايمان آڻڻ کان پوءِ بڇڙائي جو نالو

بَعْدَ الْإِيمَانِ ۚ وَمَنْ لَّمْ يَتُبْ فَأُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُونَ ⑪ يٰٓأَيُّهَا

ايمان کان پوءِ، ۽ جيڪي نه توبه ڪندا پوءِ اهي ئي ظالم آهن. اي

(وٺڻ) خراب آهي ۽ جن توبه نه ڪئي سي ئي ظالم آهن. اي ايمان وارؤ!

الَّذِينَ اٰمَنُوا اجْتَنِبُوا كَثِيرًا مِّنَ الظَّنِّ ۖ إِنَّ بَعْضَ الظَّنِّ إِثْمٌ

ايمان وارؤ! پاسو ڪيو گهڻن شڪن گمانن کان بيشڪ ڪي گمان گناهه آهن

گهڻي (۽ ٿوريءَ) بدگمانيءَ (ڪرڻ) کان پاڻ پليو، ڇو ته ڪا بدگماني ڪرڻ گناهه آهي

وَّلَا تَجَسَّسُوا وَلَا يَغْتَبْ بَّعْضُكُمْ بَعْضًا ۚ أَيُحِبُّ أَحَدُكُمْ أَنْ

۽ نه جاچوسي ڪريو ۽ نه گلا ڪري توهان مان ڪوئي ڪنهن جي، ڇا پسند ڪري ٿو توهان مان ڪوئي ته

۽ نه ڪي جاسوسي ڪريو ۽ نه ڪو اوهان مان هڪ، ٻئي جي گلا ڪري، ڀلا اوهان مان ڪو هڪڙو

يَّأْكُلَ لَحْمَ أَخِيهِ مَيْتًا فَكَرِهْتُمُوهُ ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ۚ إِنَّ اللّٰهَ تَوَّابٌ

کائي گوشت پنهنجي ڀاءُ مئل جو پوءِ ڪرهت ڪيو ٿا ان کان، ۽ ڊڄو الله کان، بيشڪ الله توبه قبوليندڙ

پنهنجي مئي ڀاءُ جو گوشت کائڻ پسند ڪندو آهي ڇا، جنهن کان نفرت ڪندا آهيو؟ ۽ الله کان ڊڄو، ڇو ته الله توبه قبول ڪندڙ

رَّحِيمٌ ⑫ يٰٓأَيُّهَا النَّاسُ إِنَّا خَلَقْنٰكُمْ مِّنْ ذَكَرٍ وَّأُنْثٰى وَجَعَلْنٰكُمْ

مهربان آهي. اي انسانو! بيشڪ اسان پيدا ڪيو توهان کي نر ۽ مادي مان ۽ اسان ڪيون توهان ۾

مهربان آهي. اي انسانو! بيشڪ اسان اوهان کي هڪ نر ۽ هڪ ماديءَ مان پيدا ڪيو ۽ اوهان کي ذاتيون ۽ پاڙا ڪيوسون

شُعُوْبًا وَّ قَبَآئِلَ لِتَعَارَفُوْا ؕ اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰكُمْ ؕ اِنَّ

ذاتيون ۽ پاڙا جيئن هڪٻئي کي سڃاڻو، بيشڪ وڌيڪ پلو توهان ۾ الله وٽ آهي وڌيڪ پرهيزگار، بيشڪ

۽ (اوهين پاڻ ۾) هڪ ٻئي کي سڃاڻو. بيشڪ اوهان مان وڌيڪ مان وارو الله وٽ اهو آهي، جيڪو اوهان مان وڌيڪ پرهيزگار آهي، بيشڪ

اللّٰهَ عَلِيْمٌ خَبِيْرٌ ١٣ قَالَتِ الْاَعْرَابُ اٰمَنَّا ؕ قُلْ لَّمْ تُؤْمِنُوْا وَلٰكِنْ

الله ڄاڻندڙ خبر رکندڙ آهي. چيو ٻهراڙي وارن اسان ايمان آندو آهي، چؤ نہ ايمان آندو اٿوَ پر

الله (سڀ) ڄاڻندڙ خبر رکندڙ آهي. بدوي چوندا آهن تہ. ايمان آندو اٿئون (اي پيغمبر کين) چئو تہ. (حقيقت ڪري) ايمان نہ آندو

قُوْلُوْٓا اَسْلَمْنَا وَلَمَّا يَدْخُلِ الْاِيْمَانُ فِيْ قُلُوْبِكُمْ ؕ وَاِنْ تُطِيْعُوا

چئو تہ اسان تابعدار ٿيا آهيون ۽ اڃا نہ گهڙيو آهي ايمان توهان جي دلين ۾، ۽ جيڪڏهن چيو مڃيندؤ

اٿو پر (ائين) چئو تہ اسين مسلمان ٿيا آهيون ۽ اڃا اوهان جي دلين ۾ ايمان گهڙيو (ئي) نہ آهي ۽ جيڪڏهن

اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ لَا يَلِتْكُمْ مِّنْ اَعْمَالِكُمْ شَيْـًٔا ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ

الله جو ۽ انجي رسول جو تہ نہ گهٽائيندو توهان جي نيڪين مان ڪجهہ، بيشڪ الله بخشڻهار

الله ۽ سندس پيغمبر جو چيو مڃيندؤ تہ اوهان جي عملن مان اوهان کي ڪجهہ (بہ) گهٽ نہ ڏيندو ڇو تہ الله بخشڻهار

رَّحِيْمٌ ١٤ اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ثُمَّ

مهربان آهي. رڳو ايمان وارا اهي آهن جن يقين ڪيو الله تي ۽ ان جي رسول تي پوءِ

مهربان آهي. (حقيقت ۾) مومن رڳو اهي آهن، جن الله ۽ سندس پيغمبر تي ايمان آندو وري (ڪو) شڪ نہ ڪيائون

لَمْ يَرْتَابُوْا وَجٰهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ

نہ شڪ ڪيائون ۽ جهاد ڪيائون پنهنجن مالن سان ۽ پنهنجن جانين سان واٽ الله ۾، اهي ئي

۽ الله جي واٽ ۾ پنهنجن مالن ۽ پنهنجن جُسن سان جهاد ڪيائون. اِهي ئي سچا آهن. (اي پيغمبر! کين)

الصّٰدِقُوْنَ ١٥ قُلْ اَتُعَلِّمُوْنَ اللّٰهَ بِدِيْنِكُمْ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ

سچا آهن. تون ٻڌاءِ ڇا توهان ڄاڻايو ٿا الله کي پنهنجي دينداري، ۽ الله تہ ڄاڻي ٿو جيڪي آسمانن ۾ آهي

چئو تہ. پنهنجو دين الله کي جتائيندا آهيو ڇا؟ ۽ جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو (سڀ) الله ڄاڻندو آهي

وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ١٦ يَمُنُّوْنَ عَلَيْكَ اَنْ

۽ جيڪي زمين ۾ آهي، ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. ٿورو ٿا ڪن توتي جو

۽ الله سڀني شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. (اي پيغمبرا) اسلام آڻڻ جو توتي احسان رکندا آهن.

اَسْلَمُوْا ؕ قُلْ لَّا تَمُنُّوْا عَلَيَّ اِسْلَامَكُمْ ۚ بَلِ اللّٰهُ يَمُنُّ عَلَيْكُمْ اَنْ

مسلمان ٿيا آهن، تون چؤ ٿورو نہ ڪريو مون تي پنهنجي اسلام جو، بلڪ الله ٿورو ڪيو توهان تي جو

(کين) چئو تہ. مون تي پنهنجي اسلام (آڻڻ) جو احسان نہ رکو. بلڪ اوهان تي الله احسان رکندو آهي، جو

هٰدٰىكُمْ لِلْاِيْمَانِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١٧﴾ اِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ غَيْبَ

رستو ڏيکاريائين توهان کي ايمان جو جيڪڏهن آهيو سچا. بيشڪ الله ڄاڻي ٿو ڳجهه

اوهان کي ايمان جي هدايت ڪيائين، جيڪڏهن (اوهين) سچا آهيو (ته اِها ڳالهه سچي ڄاڻو). بيشڪ الله

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَاللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٨﴾ ع ٣

آسمانن جو ۽ زمين جو، ۽ الله ڏسندڙ آهي جيڪي توهان ڪريو ٿا.

آسمانن ۽ زمين جو ڳجهه ڄاڻندو آهي، ۽ جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي.

سُوْرَةُ قٓ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٤٥ رُكُوْعَاتُهَا ٣

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

قٓ ۚ وَالْقُرْاٰنِ الْمَجِيْدِ ﴿١﴾ ۚ بَلْ عَجِبُوْٓا اَنْ جَآءَهُمْ مُّنْذِرٌ مِّنْهُمْ

ق، قسم آهي قرآن مجيد جو. پر عجب لڳن جو آيو انهن وٽ ڊيڄاريندڙ انهن مان

ق سڳوري قرآن جو قسم آهي (ته تون الله جو پيغمبر آهين). بلڪ (مڪي وارن) پنهنجيءَ قوم منجهان پاڻ وٽ هڪ ڊيڄاريندڙ جي اچڻ جو عجب ڪيو.

فَقَالَ الْكٰفِرُوْنَ هٰذَا شَيْءٌ عَجِيْبٌ ﴿٢﴾ ۚ ءَاِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا ۚ

پوءِ چيو ڪافرن هي ڳالهه عجيب آهي. ڇا جڏهن مرنداسون ۽ ٿينداسون مٽي،

پوءِ ڪافرن چيو ته، هيءَ عجيب ڳالهه آهي. ڀلا جڏهن مرنداسون ۽ مٽي ٿينداسون (تڏهن وري جيئرا ٿينداسون ڇا؟)

ذٰلِكَ رَجْعٌۢ بَعِيْدٌ ﴿٣﴾ قَدْ عَلِمْنَا مَا تَنْقُصُ الْاَرْضُ مِنْهُمْ ۚ وَ

اهو موٽڻ ڏور آهي. بيشڪ ڄاڻون ٿا ان کي جيڪي گهٽائي ٿي زمين انهن مان، ۽

اهو (وري جيئرو ڪري) موٽائڻ (عقل کان) پري آهي. انهن (جي جسمن) مان جيڪي زمين (ڳاري) گهٽائيندي آهي سو بہ بيشڪ ڄاڻون ٿا ۽

عِنْدَنَا كِتٰبٌ حَفِيْظٌ ﴿٤﴾ بَلْ كَذَّبُوْا بِالْحَقِّ لَمَّا جَآءَهُمْ فَهُمْ

اسان وٽ دفتر آهي سنڀاليندڙ. پر ڪوڙو ڪيائون حق کي جڏهن آيو انهن وٽ پوءِ اهي

اسان وٽ هڪ حفاظت ڪندڙ ڪتاب آهي. بلڪ سچو دين جڏهن وٽن آيو (تڏهن) ان کي ڪوڙ ڄاتائون. پوءِ اهي

فِيْٓ اَمْرٍ مَّرِيْجٍ ﴿٥﴾ اَفَلَمْ يَنْظُرُوْٓا اِلَى السَّمَآءِ فَوْقَهُمْ كَيْفَ بَنَيْنٰهَا وَ

ڳالهه منجهيل ۾ آهن. ڇا پوءِ نہ ڏٺائون آسمان ڏانهن پنهنجي مٿان ڪيئن ٺاهيوسون ان کي ۽

رجهيل ڳالهه ۾ (اٽڪيل) آهن. پوءِ آسمان، جو سندن مٿان آهي، تنهن ڏانهن نہ ڏٺو اٿن ڇا؟ ته ان کي ڪيئن بڻايو اٿئون ۽

زَيَّنّٰهَا وَمَا لَهَا مِنْ فُرُوْجٍ ﴿٦﴾ وَالْاَرْضَ مَدَدْنٰهَا وَاَلْقَيْنَا فِيْهَا

سينگاريوسون ۽ ناهي ان ۾ ڪو به ڏنگو. ۽ زمين کي پکيڙيوسون ۽ وڌاسون ان ۾

ان کي (ڪيئن) سينگاريو اٿئون، ۽ ان ۾ ڪا ڦوٽ نہ آهي. ۽ زمين کي پکيڙيوسون ۽ منجهس جبل کوڙياسون

المنزل السابع (٧)

رَوَاسِيَ وَاَنْۢبَتْنَا فِيْهَا مِنْ كُلِّ زَوْجٍۢ بَهِيْجٍ ۙ﴿٧﴾ تَبْصِرَةً وَّ ذِكْرٰى
وزن ۽ ڄماياسون ان ۾ ڪيئي قسمَ وڻندڙ. اک کولڻ ۽ ياد ڏيارڻ لاءِ
۽ منجهس سڀڪنهن وڻندڙ جنس مان (سلا) ڄماياسون. سڀ ڪنهن (الله ڏانهن) ورندڙ ٻانهي جي
لِكُلِّ عَبْدٍ مُّنِيْبٍ ﴿٨﴾ وَنَزَّلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً مُّبٰرَكًا فَاَنْۢبَتْنَا بِهٖ
هر ٻانهي رجوع ڪندڙ ڪي. ۽ لاٿوسون آسمان کان پاڻي برڪت وارو پوءِ ڦٽاياسون انهيءَ سان
وات ڏيکارڻ ۽ نصيحت ڏيڻ لاءِ. ۽ آسمان کان برڪت وارو پاڻي لاٿوسون، پوءِ ان سان باغ ۽ لڻڻ واري
جَنّٰتٍ وَّحَبَّ الْحَصِيْدِ ۙ﴿٩﴾ وَالنَّخْلَ بٰسِقٰتٍ لَّهَا طَلْعٌ نَّضِيْدٌ ﴿١٠﴾ رِّزْقًا
باغ ۽ اناج لاباري وارا. ۽ ڪجيون ڏگهيون جن جا ڇوڪا آهن سٽيل. خوراڪ
ٻوڪ جو اَن ڄمايوسون. ۽ ڏگهيون ڪجيون (بہ) جن جا گوشا (ڏوڪن سان) سٽيل آهن. ٻانهن جي روزي (ڏيڻ) لاءِ.
لِّلْعِبَادِ ۙ وَاَحْيَيْنَا بِهٖ بَلْدَةً مَّيْتًا ۭ كَذٰلِكَ الْخُرُوْجُ ﴿١١﴾ كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ
ٻانهن لاءِ ۽ آباد ڪياسون ان سان ملڪ غيرآباد. ائين ئي آهي وري نڪرڻ ڪوڙو ڪيو انهن کان اڳي
۽ ان سان ويران شهر کي آباد ڪيوسون، اهڙيءَ طرح (اوهان جو قبرن مان وري جيئرو ٿي) نڪرڻ آهي. ڪانئن اڳ
قَوْمُ نُوْحٍ وَّاَصْحٰبُ الرَّسِّ وَثَمُوْدُ ۙ﴿١٢﴾ وَعَادٌ وَّفِرْعَوْنُ وَاِخْوَانُ
نوح جي قوم ۽ کڇي کوهہ وارن ۽ ثمود. ۽ عاد ۽ فرعون ۽ برادر
نوح جي قوم ۽ رس (جي شهر) وارن ۽ ثمود (قوم) ڪوڙ ڀانيو. ۽ عاد ۽ فرعون ۽ لوط جي ڀائرن.
لُوْطٍ ۙ﴿١٣﴾ وَّاَصْحٰبُ الْاَيْكَةِ وَقَوْمُ تُبَّعٍ ۭ كُلٌّ كَذَّبَ الرُّسُلَ فَحَقَّ
لوط جي، ۽ جهنگل وارن ۽ تبع جي ماڻهن، سمورن ڪوڙو ڪيو رسولن کي پوءِ پيو
۽ ايڪہ وارن ۽ تبع جي قوم. هر هڪ پيغمبرن کي ڪوڙو ڄاتو، پوءِ (مٿن) منهنجي عذاب جو انجام لازم ٿيو.
وَعِيْدِ ﴿١٤﴾ اَفَعَيِيْنَا بِالْخَلْقِ الْاَوَّلِ ۭ بَلْ هُمْ فِيْ لَبْسٍ مِّنْ خَلْقٍ
عذاب منهنجو. ڇا پوءِ ٿڪيا آهيون پيدا ڪرڻ پهرئين کان، بلڪ اهي شڪ ۾ آهن پيدائش
پهرين (پيري جي) خلقڻ ۾ (ڪو) ٿڪا آهيون ڇا؟ (نہ) بلڪ اهي نئين سر پيدا ڪرڻ کان شڪ ۾ آهن.
جَدِيْدٍ ﴿١٥﴾ۧ وَلَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ وَنَعْلَمُ مَا تُوَسْوِسُ بِهٖ نَفْسُهٗ ښ
نئين کان. ۽ اسان پيدا ڪيو آهي انسان کي ۽ اسان ڄاڻون ٿا جيڪي وسوسو وجهي ٿو ان کي سندس نفس
۽ بيشڪ ماڻهوءَ کي پيدا ڪيوسون ۽ سندس نفس ڪيس جيڪو وسوسو وجهندو آهي سو بہ ڄاڻندا آهيون.
وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ ﴿١٦﴾ اِذْ يَتَلَقَّى الْمُتَلَقِّيٰنِ عَنِ
۽ اسان وڌيڪ ويجها آهيون ان ڏانهن ساهہ جي رڳ کان. جڏهن وٺندا وٺڻ وارا ساڄي
۽ اسين ڏانهس (سندس) ساهہ جي رڳ کان وڌيڪ ويجها آهيون. جڏهن ٻہ لکندڙ (هڪ) سڄي پاسي کان

الْيَمِيْنِ وَعَنِ الشِّمَالِ قَعِيْدٌ ﴿١٧﴾ مَا يَلْفِظُ مِنْ قَوْلٍ اِلَّا لَدَيْهِ

کان ۽ کابي کان ويهندڙ. نہ ٿو ڳالهائي ڪا ڳالھہ پر ان وٽ آهي

۽ (ٻيو) کابي پاسي کان ويهندڙ لکندا آهن. ڪا ڳالھہ نہ ڳالهائيندو آهي، جنهن جي لاءِ وٽس

رَقِيْبٌ عَتِيْدٌ ﴿١٨﴾ وَجَآءَتْ سَكْرَةُ الْمَوْتِ بِالْحَقِّ ۭ ذٰلِكَ مَا كُنْتَ

حفاظت ڪندڙ تيار. ۽ اچي وئي سختي موت جي سچ پچ، اها آهي جنهن کان

هڪ نگهبان موجود نہ آهي. ۽ موت جي سختي سچ پچ ايندي، (چئبو تہ) اها (سزا) آهي، جنهن کان

مِنْهُ تَحِيْدُ ﴿١٩﴾ وَنُفِخَ فِي الصُّوْرِ ۭ ذٰلِكَ يَوْمُ الْوَعِيْدِ ﴿٢٠﴾ وَجَآءَتْ كُلُّ

تون لهرائيندين هئين. ۽ ڦوڪ ڏني ويندي ڪرناءِ ۾، اهو آهي ڏينهن ڌمڪي جو. ۽ حاضر ٿيندو هر

پاسو ڪندو هئين. ۽ صور ۾ ڦوڪيو ويندو اهو عذاب جي انجام جو ڏينهن آهي. ۽ هر هڪ ماڻهو ايندو

نَفْسٍ مَّعَهَا سَآئِقٌ وَّشَهِيْدٌ ﴿٢١﴾ لَقَدْ كُنْتَ فِيْ غَفْلَةٍ مِّنْ هٰذَا

جاندار ان سان گڏ هوندو هڪليندڙ ۽ حال ٻڌائيندڙ. يقينن هئين تون غفلت ۾ هن کان

جو ساڻس هڪ هڪليندڙ ۽ هڪ شاهد هوندو. (چئبو تہ) بيشڪ هن ڳالھہ کان بي خبريءَ ۾ هئين.

فَكَشَفْنَا عَنْكَ غِطَآءَكَ فَبَصَرُكَ الْيَوْمَ حَدِيْدٌ ﴿٢٢﴾ وَقَالَ قَرِيْنُهٗ

پوءِ پري ڪيوسون توکان پردو تنهنجو پوءِ نگاھہ تنهنجي اڄ تيز آهي. ۽ چوندو همراھہ ان جو

هاڻي توکان تنهنجو پردو کوليوسون، تنهن ڪري اڄ تنهنجي نگاھ تکي آهي. ۽ سندس سنگتي ملائڪ چوندو

هٰذَا مَا لَدَيَّ عَتِيْدٌ ﴿٢٣﴾ اَلْقِيَا فِيْ جَهَنَّمَ كُلَّ كَفَّارٍ عَنِيْدٍ ﴿٢٤﴾ مَّنَّاعٍ

هي آهي جيڪي مون وٽ آهي تيار. (توهان ٻئي) اڇليو دوزخ ۾ هر منڪر هٺيلي. پلاڻي کان

تہ جيڪي مون وٽ لکيل موجود هو سو هيءُ آهي. (چئبو تہ) اي ٻئي (ملائڪو!) سڀڪنهن ناشڪر هٺيلي کي دوزخ ۾ اڇليو.

لِّلْخَيْرِ مُعْتَدٍ مُّرِيْبِ ﴿٢٥﴾ الَّذِيْ جَعَلَ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَاَلْقِيٰهُ فِي

روڪيندڙ حد ٽپيندڙ شبهي وجهندڙ کي، جنهن بڻايو الله سان گڏ خداءِ ٻيو پوءِ اڇليوس

(جو) خير کان جهليندڙ، حد کان لنگهندڙ شڪ ڪندڙ آهي. جنهن الله سان ٻيو معبود ٺهرايو اهڙي (هرهڪ) کي

الْعَذَابِ الشَّدِيْدِ ﴿٢٦﴾ قَالَ قَرِيْنُهٗ رَبَّنَا مَآ اَطْغَيْتُهٗ وَلٰكِنْ كَانَ فِيْ

عذاب سخت ۾. چوندو ساٿي انهي جو اي رب اسان جا نہ باغي بڻايو مان انکي پر هئو پاڻ

سخت عذاب ۾ اڇليو. سندس سنگتي (شيطان) چوندو تہ، اي منهنجا پالڻهار! مون ان کي گمراھ نہ ڪيو هو، پر اُهو (پاڻ)

ضَلٰلٍ بَعِيْدٍ ﴿٢٧﴾ قَالَ لَا تَخْتَصِمُوْا لَدَيَّ وَقَدْ قَدَّمْتُ اِلَيْكُمْ

گمراهي پرانهينءَ ۾. الله فرمائيندو نہ جهڳڙو ڪريو مون وٽ حالانڪ اڳي موڪلي اٿم توهان ڏانهن

وڏيءَ گمراهيءَ ۾ (پيل) هو. (الله) چوندو تہ مون وٽ جهڳڙو نہ ڪريو هن هوندي جو بيشڪ اوهان ڏانهن عذاب جو انجام (هن کان) اڳي موڪليو هوم.

بِالْوَعِيْدِ ﴿۲۸﴾ مَا يُبَدَّلُ الْقَوْلُ لَدَيَّ وَمَآ اَنَا بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ﴿۲۹﴾ يَوْمَ

ڌمڪي. ڪانہ مٽائبي اها ڳالهہ مون وٽ ۽ ناهيان مان ظلم ڪندڙ ٻانهن تي. جنهن ڏينهن

نہ ڪي مون وٽ انجام ڦيرائبو آهي ۽ نہ ڪي آءٌ ٻانهن تي ظلم ڪرڻ وارو آهيان. جنهن ڏينهن دوزخ کي

نَقُوْلُ لِجَهَنَّمَ هَلِ امْتَلَاْتِ وَتَقُوْلُ هَلْ مِنْ مَّزِيْدٍ ﴿۳۰﴾ وَاُزْلِفَتِ

چونداسون جهنم کي پرجي وئين تون؟ ۽ اهو چوندو ڇا آهي ڪجهہ وڌيڪ؟ ۽ ويجهي ڪبي

چونداسون تہ پريو آهين (يا نہ؟) ۽ (هو) چوندو تہ (ٻيو بہ) ڪجهہ (اجا هن ڪان) وڌيڪ آهي ڇا؟ ۽ بهشت پرهيزگارن لاءِ

الْجَنَّةُ لِلْمُتَّقِيْنَ غَيْرَ بَعِيْدٍ ﴿۳۱﴾ هٰذَا مَا تُوْعَدُوْنَ لِكُلِّ اَوَّابٍ

جنت پرهيزگارن لاءِ نہ پري. هي آهي جنهن جو وعدو ڪجي ٿو توهان سان هرهڪ توبہ ڪندڙ

ويجهو ڪبو، پري نہ (هوندو). (چئبو تہ) جنهن جو اوهان کي سڀ ڪنهن (الله ڏانهن) رجوع ڪرڻ واري ۽ ادب نگاہ رکڻ واري لاءِ انجام ڏبو هو

حَفِيْظٍ ﴿۳۲﴾ مَنْ خَشِيَ الرَّحْمٰنَ بِالْغَيْبِ وَجَآءَ بِقَلْبٍ مُّنِيْبٍ ﴿۳۳﴾

ياد رکندڙ لاءِ. جيڪو ڊنو رحمان کان پرپٺ ۽ پيش ڪيائين دل توبہ واري.

سو هيءُ آهي. جيڪو پرپٺ ٻاجهاري (الله) کان ڊنو ۽ (الله ڏانهن) رجوع ٿيل دل سان آيو. (تنهن لاءِ بہ). (چئبو تہ)

ادْخُلُوْهَا بِسَلٰمٍ ذٰلِكَ يَوْمُ الْخُلُوْدِ ﴿۳۴﴾ لَهُمْ مَّا يَشَآءُوْنَ فِيْهَا وَلَدَيْنَا

هلو جنت ۾ سلامتي سان، اهو ڏينهن آهي هميشہ رهڻ جو. انهن لاءِ آهي جيڪي گهرندا اتي ۽ اسان وٽ

سلامتيءَ سان بهشت ۾ گهڙو، اهو سدائين رهڻ جو ڏينهن آهي. جيڪي گهرندا سو منجهس انهن لاءِ (موجود) آهي ۽ اسان وٽ

مَزِيْدٌ ﴿۳۵﴾ وَكَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنْ قَرْنٍ هُمْ اَشَدُّ مِنْهُمْ بَطْشًا

گهڻو ئي آهي. ۽ ڪيترين تباهہ ڪيون سين انهن کان اڳ قومون جو اهي ڏاڍيون هيون انهن کان طاقت ۾

(ان کان) وڌيڪ بہ آهي. ۽ انهن کان اڳ ڪيترائي جُڳ هلاڪ ڪياسين، جي حملي ڪرڻ ۾ انهن کان بہ تمام ڏاڍا هئا.

فَنَقَّبُوْا فِي الْبِلَادِ هَلْ مِنْ مَّحِيْصٍ ﴿۳۶﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَذِكْرٰى

پوءِ جاچيائون شهرن ۾. تہ آهي ڪٿي ڇوٽڪارو؟ بيشڪ ان ۾ آهي سمجهاڻي

پوءِ شهرن ۾ گهولا ڪرڻ لڳا تہ ڪا (ڀڄڻ جي) واهہ آهي؟. بيشڪ انهيءَ ڳالهہ ۾ انهيءَ لاءِ نصيحت آهي.

لِمَنْ كَانَ لَهٗ قَلْبٌ اَوْ اَلْقَى السَّمْعَ وَهُوَ شَهِيْدٌ ﴿۳۷﴾ وَلَقَدْ خَلَقْنَا

انهيءَ لاءِ جنهن کي دل هجي يا ڏئي ڪَنُ ۽ اهو ڪري توجهہ. ۽ البت پيدا ڪيوسون

جنهن کي دل هجي يا جو دل لائي ڪن ڏئي. ۽ بيشڪ آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ وَّمَا مَسَّنَا مِنْ لُّغُوْبٍ ﴿۳۸﴾

آسمانن کي ۽ زمين کي ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي ڇهن ڏينهن ۾ ۽ نہ پهتي اسان کي ڪا ٿڪاوٽ.

ٻنهي جي وچ ۾ آهي، تنهن کي ڇهن ڏينهن ۾ بڻايوسون. ۽ اسان کي ڪو ٿڪ نہ ٿيو.

فَاصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ وَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ قَبْلَ طُلُوْعِ الشَّمْسِ وَ

پوءِ تون سهپ ڪر ان تي جيڪي چون ٿا ۽ سبحان پڙهه پنهنجي رب جي تعريف سان اڳ سج اڀرڻ کان ۽

پوءِ (اي پيغمبرا) جيڪي (ڪافر) چوندا آهن، تنهن تي صبر ڪر ۽ سج اڀرڻ کان اڳ ۽ لهڻ کان اڳ پنهنجي پالڻهار جي پاڪائي،

قَبْلَ الْغُرُوْبِ ﴿٣٩﴾ وَمِنَ الَّيْلِ فَسَبِّحْهُ وَاَدْبَارَ السُّجُوْدِ ﴿٤٠﴾ وَاسْتَمِعْ يَوْمَ

اڳ لهڻ کان. ۽ رات جو به پڙهه ان جي پاڪائي ۽ پليان سجدن کان. ۽ ڪن ڏئي ٻڌ جنهن ڏينهن

ساراهه سان بيان ڪر. ۽ ڪجهه (مهل) رات جو الله کي پاڪائيءَ سان ساراهه ۽ نمازن کان پوءِ به. ۽ (هيءَ ڳالهه) ٻڌ ته جنهن ڏينهن

يُنَادِ الْمُنَادِ مِنْ مَّكَانٍ قَرِيْبٍ ﴿٤١﴾ يَّوْمَ يَسْمَعُوْنَ الصَّيْحَةَ بِالْحَقِّ ؕ ذٰلِكَ

سڏيندو سڏيندڙ جڳهه ويجهيءَ کان. جنهن ڏينهن ٻڌندا راڙ حق جي، اهو

ويجهي هنڌ کان سڏيندڙ سڏيندو. جنهن ڏينهن سچ پچ سخت هڪل ٻڌندا، اهو (ڏينهن قبرن مان انهن جي) نڪرڻ جو ڏينهن آهي.

يَوْمُ الْخُرُوْجِ ﴿٤٢﴾ اِنَّا نَحْنُ نُحْيٖ وَنُمِيْتُ وَاِلَيْنَا الْمَصِيْرُ ﴿٤٣﴾ يَوْمَ تَشَقَّقُ

ڏينهن آهي نڪرڻ جو. بيشڪ اسان جيارينون ٿا ۽ مارينون ٿا ۽ اسان ڏانهن ئي آهي موٽڻ، جنهن ڏينهن ڦاٽندي

بيشڪ اسين جياريندا آهيون ۽ ماريندا آهيون ۽ اسان ڏانهن موٽڻ آهي. جنهن ڏينهن زمين انهن (جي مٿي) کان ڦاٽندي

الْاَرْضُ عَنْهُمْ سِرَاعًا ؕ ذٰلِكَ حَشْرٌ عَلَيْنَا يَسِيْرٌ ﴿٤٤﴾ نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَا يَقُوْلُوْنَ

ڌرتي انهن کان نڪرندا تڪڙائي اهو گڏ ڪرڻ اسان تي سولو آهي. اسين گهڻو ڄاڻندڙ آهيون جيڪي چون ٿا

(تهن ڏينهن) ڊوڙندا (ٻاهر ايندا) اِهو گڏ ڪرڻ اسان تي آسان آهي. جيڪي ڪافر چوندا آهن، سو اسين چڱيءَ طرح ڄاڻندا آهيون

وَمَاۤ اَنْتَ عَلَيْهِمْ بِجَبَّارٍ ۫ فَذَكِّرْ بِالْقُرْاٰنِ مَنْ يَّخَافُ وَعِيْدِ ﴿٤٥﴾ ع

۽ نه آهين تون انهن تي زور ڪندڙ، پوءِ سمجهاءِ تون قرآن سان ان کي جيڪو ڊڄي منهنجي ڌمڪيءَ کان.

۽ تون مٿن (ڪو) ڏاڍ ڪرڻ وارو نه آهين. پوءِ جيڪو منهنجي عذاب جي ڌڙڪي کان ڊڄي تنهن کي قرآن سان سمجهاءِ.

سُوْرَةُ الذّٰرِيٰتِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٦٠ رُكُوْعَاتُهَا ٣

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

وَالذّٰرِيٰتِ ذَرْوًا ﴿١﴾ فَالْحٰمِلٰتِ وِقْرًا ﴿٢﴾ فَالْجٰرِيٰتِ يُسْرًا ﴿٣﴾ فَالْمُقَسِّمٰتِ

قسم آهي ڇڻڻ وارين جو اڏائي ڪري، پوءِ کڻي هلڻ وارين جو بار کي، پوءِ هلڻ وارين جو نرمي سان، پوءِ ورهائڻ وارين جو

قسم آهي اڏائڻ واري (هوائن) جي جو (خاڪ کي) اڏائين. پوءِ (پاڻيءَ جي) بار کڻڻ وارن (ڪڪرن) جو قسم آهي. پوءِ آسانيءَ سان هلندڙ (ٻيڙين) جو قسم آهي.

اَمْرًا ﴿٤﴾ اِنَّمَا تُوْعَدُوْنَ لَصَادِقٌ ﴿٥﴾ وَّاِنَّ الدِّيْنَ لَوَاقِعٌ ﴿٦﴾

حڪم کي، ته بيشڪ جيڪي وعدو ڪجيو ٿو سچ آهي. ۽ بيشڪ انصاف ٿيڻو آهي.

پوءِ ڪم ورهائڻ وارن (ملائڪن) جو قسم آهي. ته بيشڪ جيڪو اوهان سان انجام ڪجي ٿو سو سچ آهي ۽ بيشڪ عملن جو بدلو ضرور ٿيڻو آهي.

وَ السَّمَآءِ ذَاتِ الْحُبُكِ ۙ﴿۷﴾ اِنَّكُمْ لَفِیْ قَوْلٍ مُّخْتَلِفٍ ۙ﴿۸﴾
قسم آهي آسمان واٽن واري جو، ته بيشڪ اوهان آهيو ڳالهه اختلافي ۾.
واٽن واري آسمان جو قسم آهي، ته (اوهين) پاڻ ۾ تڪرار واريءَ هڪ ڳالهه ۾ (پيل) آهيو. ان (قرآن) کان اهو ڦيرايو

یُّؤْفَكُ عَنْهُ مَنْ اُفِكَ ؕ﴿۹﴾ قُتِلَ الْخَرّٰصُوْنَ ۙ﴿۱۰﴾ الَّذِیْنَ هُمْ
ڦيريو ويندو (حق کان) جنهن کي ڦيريو ويو. مار پوي ڳالهين ٺاهڻ وارن تي، جيڪي اهي
ويندو آهي، جيڪو (ازل ۾ نيڪيءَ کان) ڦيرايل آهي. انهن ڪوڙ هڻندڙن کي لعنت ڪئي ويئي،

فِیْ غَمْرَةٍ سَاهُوْنَ ۙ﴿۱۱﴾ یَسْـَٔلُوْنَ اَیَّانَ یَوْمُ الدِّیْنِ ؕ﴿۱۲﴾
غفلت ۾ ويسلا آهن. پڇن ٿا ته ڪڏهن ٿيندو بدلي جو ڏينهن.
جيڪي اٻڃاڻائي ۾ غافل آهن. پڇندا آهن ته قيامت جو ڏينهن ڪڏهن ٿيندو؟

یَوْمَ هُمْ عَلَی النَّارِ یُفْتَنُوْنَ ﴿۱۳﴾ ذُوْقُوْا فِتْنَتَكُمْ ؕ
جنهن ڏينهن اهي باهه ۾ ساڙيا ويندا. (چئبن) چکو سڙڻ جو مزو،
(هائو!) انهيءَ ڏينهن جو انهن کي باهه ۾ عذاب ڪبو. (چئبو ته) پنهنجو عذاب چکو.

هٰذَا الَّذِیْ كُنْتُمْ بِهٖ تَسْتَعْجِلُوْنَ ﴿۱۴﴾ اِنَّ الْمُتَّقِیْنَ
هي آهي اهو جنهن جي توهان تکڙي گهر ڪندا هئا. بيشڪ پرهيزگار
هيءَ اهو آهي، جنهن کي اوهين جلد گهرندا هيو. بيشڪ، پرهيزگار

فِیْ جَنّٰتٍ وَّ عُیُوْنٍ ۙ﴿۱۵﴾ اٰخِذِیْنَ مَاۤ اٰتٰهُمْ رَبُّهُمْ ؕ
باغن ۾ ۽ چشمن ۾ هوندا. وٺندڙ جيڪي ڏنئين سندن رب،
باغن ۽ چشمن ۾ هوندا. جيڪي سندن پالڻهار کين ڏنو سو وٺڻ وارا هوندا.

اِنَّهُمْ كَانُوْا قَبْلَ ذٰلِكَ مُحْسِنِیْنَ ؕ﴿۱۶﴾ كَانُوْا قَلِیْلًا مِّنَ الَّیْلِ
بيشڪ اهي هئا هن کان اڳ ڀلا ڪم ڪندڙ. اهي ٿوري رات
بيشڪ اهي هن کان اڳ چڱائي ڪندڙ هئا. (اهڙا هئا جو) رات جو

مَا یَهْجَعُوْنَ ﴿۱۷﴾ وَ بِالْاَسْحَارِ هُمْ یَسْتَغْفِرُوْنَ ﴿۱۸﴾ وَ فِیْۤ اَمْوَالِهِمْ
ننڊ ڪندا هئا. ۽ اسرن جو اهي بخشش گهرندا هئا. ۽ انهن جي مالن ۾
تمام ٿورو سمهندا هئا. ۽ اهي اسر جو بخشش گهرندا هئا. ۽ سندن مالن ۾ سوال ڪندڙ

حَقٌّ لِّلسَّآئِلِ وَ الْمَحْرُوْمِ ﴿۱۹﴾ وَ فِی الْاَرْضِ اٰیٰتٌ لِّلْمُوْقِنِیْنَ ۙ﴿۲۰﴾
حصو هئو گهرندڙ جو ۽ نه گهرندڙ غريب جو. ۽ زمين ۾ نشانيون آهن ويساهه وارن لاءِ.
۽ نه سوال ڪندڙ محتاج (ٻنهي) جو حصو (لهرايل) هو. ۽ يقين ڪندڙن لاءِ زمين ۾ (گهڻيون) نشانيون آهن.

وَ فِيٓ اَنۡفُسِكُمۡ ؕ اَفَلَا تُبۡصِرُوۡنَ ﴿٢١﴾ وَ فِي السَّمَآءِ رِزۡقُكُمۡ وَمَا

۽ توهان جي وجود ۾ ٻ، ڇا پوءِ اوهين نہ ٿا سوچيو. ۽ آسمان ۾ روزي آهي توهان جي ۽ جيڪي

۽ اوهان جي وجودن ۾ ٻ، پوءِ اوهين نہ ٿا ڏسو ڇا؟ ۽ اوهان جي روزي آسمان ۾ آهي

تُوۡعَدُوۡنَ ﴿٢٢﴾ فَوَرَبِّ السَّمَآءِ وَالۡاَرۡضِ اِنَّهٗ لَحَقٌّ مِّثۡلَ

توهان سان انجام ڪيل آهي. پوءِ قسم آهي پروردگار آسمان ۽ زمين جي جو تہ بيشڪ اهو سچ آهي جيئن

۽ اهو (ٻ) جنهن جو اوهان کي انجام ڏجي ٿو. پوءِ آسمان ۽ زمين جي رب جو قسم آهي تہ اِها

مَآ اَنَّكُمۡ تَنۡطِقُوۡنَ ﴿٢٣﴾ ع هَلۡ اَتٰىكَ حَدِيۡثُ ضَيۡفِ اِبۡرٰهِيۡمَ

جو توهان ڳالهائيندا آهيو. ڇا آئي تو وٽ خبر ابراهيم جي مهمانن

خبر سچي آهي، جهڙيءَ طرح اوهين ڳالهائيندا آهيو. ابراهيم جي سڳورن مهمانن جي خبر

ع ٢/٢ ١٨

الۡمُكۡرَمِيۡنَ ﴿٢٤﴾ اِذۡ دَخَلُوۡا عَلَيۡهِ فَقَالُوۡا سَلٰمًا ؕ قَالَ سَلٰمٌ ۚ

مانَ وارن جي. جڏهن اندر آيا ان وٽ چياؤنس سلام، هن بہ چيو سلام،

تو وٽ (تہ) آئي آهي ڇا؟. جڏهن اهي وٽس آيا، تڏهن سلام چيائون، هن (بہ جواب ۾) سلام چيو

وقف لازم

قَوۡمٌ مُّنۡكَرُوۡنَ ﴿٢٥﴾ فَرَاغَ اِلٰٓى اَهۡلِهٖ فَجَآءَ بِعِجۡلٍ سَمِيۡنٍ ۙ ﴿٢٦﴾

ماڻهو آهن اوپرا. پوءِ ويو پنهنجي آڪهہ ڏانهن ۽ آندائين گابو سٿيو.

(دل ۾ چاتائين تہ هي) اوپرا ماڻهو آهن. پوءِ پنهنجي گهروارن ڏانهن تڪو هليو ۽ ٿلهو گابو (پچائي) آندائين.

فَقَرَّبَهٗٓ اِلَيۡهِمۡ قَالَ اَلَا تَاۡكُلُوۡنَ ﴿٢٧﴾ ز فَاَوۡجَسَ مِنۡهُمۡ خِيۡفَةً ؕ

۽ پيش ڪيائين انهن جي اڳيان چيائين ڇا نہ ٿا کائو؟ پوءِ دل ۾ رکيائين انهن کان خوف.

پوءِ اهو انهن کي ويجهو ڪيائين، چيائين تہ ڇو نہ ٿا کائو؟ پوءِ کانئن دل ۾ ڊپ محسوس ڪيائين.

قَالُوۡا لَا تَخَفۡ ؕ وَبَشَّرُوۡهُ بِغُلٰمٍ عَلِيۡمٍ ﴿٢٨﴾ فَاَقۡبَلَتِ امۡرَاَتُهٗ

چياؤنس نہ ڊڄ، ۽ واڌائي ڏناؤنس ٻار هوشيار جي. پوءِ آئي سندس زال

چيائون تہ نہ ڊڄ، ۽ ان کي هڪ داناءُ نينگر جي مبارڪ ڏنائون. پوءِ سندس زال دانهون ڪندي سامهون

فِيۡ صَرَّةٍ فَصَكَّتۡ وَجۡهَهَا وَ قَالَتۡ عَجُوۡزٌ عَقِيۡمٌ ﴿٢٩﴾

ڳالهائيندي پوءِ هنيائين هٿ پنهنجي ملهن تي ۽ چيائين پوڙهي آهيان سنڍ.

آئي، پوءِ (عجب کان) پنهنجو منهن پٽيائين ۽ چيائين تہ ٻڍڙي سنڍ (ڄڻيندي ڇا؟).

قَالُوۡا كَذٰلِكِ ۙ قَالَ رَبُّكِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الۡحَكِيۡمُ الۡعَلِيۡمُ ﴿٣٠﴾

چياؤنس ائين ئي فرمايو تنهنجي رب، بيشڪ اهو حڪمت وارو ڄاڻندڙ آهي.

چيائون تہ، ائين ئي تنهنجي پالڻهار فرمايو آهي، ڇو تہ اهو حڪمت وارو ڄاڻندڙ آهي.

